Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڈيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي

جلد :11 | جمعو 08 سيپٽمبر 2023ع بمطابق 21 صفر 1445ھ | شمارو: 320 | قيمت10 روپيا

پاڪستان جو ايٽمي طاقت هجڻ سڀ کان وڏو خطرو آهي: آمريڪا

افغانستان مان نڪرڻ وقت اهڙا هٿيار نه ڇڏيا هئا جيڪي ڪنهن جي ڪم اچي سگهن: قومي سلامتي جي ترجمان جان ڪربي

آمريڪا افغان فوج جي جنگي تربيت ڪئي هئي ۽ ان مشن ۾ جديد هٿيار افغان فوج جي حوالي ڪرڻ ۾ شامل هو

آمريڪا افغان فوج جي جنگي تربيت ڪئي هئي ۽ ان مشن ۾ جديد هٿيار افغان فوج جي حوالي ڪرڻ ۾ شامل هو

افغانستان مان نڪرڻ وقت آمريڪي فوج رڳو ڪجهه جهاز، ۽ معمولي سامان ڇڏيو جيڪي استعمال جوڳي حالت ۾ نه هئا

صدر بائيڈن پاڪستان کي ڪجهه مهينا اڳ ايٽمي هٿيار رکندڙ خطرناڪ ترين مُلڪن مان هڪ قرار ڏنو هو ڪيس چا جو خدشو هو؟ قومي سلامتي جي ترجمان کان صحافي جو پڇاڙو

اِهو تمام وڏو خطرو آهي، اِهو ڪو معمولي خطرو ناهي، صدر بائيڈن ان ڳالهه کي سمجهي ٿو ۽ انڪري اسان پاڪستان سان گڏجي ڪم جاري رکنداسين

واشنگٽن (ڪ ڊ) آمريڪا جي قومي سلامتي جي ترجمان جان ڪربي پابندي مڙهيل

تنظيم ٽي ٽي پي جي استعمال هيٺ آمريڪي هٿيار هجڻ جي تريدي ڪندي چيو

آهي ته افغانستان مان نڪرڻ وقت اهڙا هٿيار نه ڇڏيا هئا جيڪي ڪنهن جي ڪم اچي

سگهن پرڏيهي خابرو اداري موجب، قومي سلامتي جي ترجمان جان ڪربي کان پريس

بريفنگ دوران پاڪستاني صحافي سوال ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

رياست دهشتگردن ۽ سهولتڪارن سان پوري قوت سان مقابلو ڪندي: آرمي چيف

رياست دهشتگردن، انهن جي سهولتڪارن ۽ انهن جي مدد ڪندڙن کي پوري قوت سان منهن ڏيندي

پاڪ فوج هر قسم جي خطرن خلاف پاڪستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي دفاع لاءِ پنهنجي عزم کي ورجايو

پاڪستان جي رياست ۽ هٿياربند فوج شهيدن ۽ سندن خاندانن کي هميشه عزت جي نگاهه سان ڏسندي آهي



راولپنڈي (ڪ ڊ) آرمي چيف جي صدارت هيٺ ڪور ڪمانڈرز ڪانفرنس ۾ ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ته رياست دهشتگردن، انهن جي سهولتڪارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

هاءِ ڪورٽ جي ججن کي ڪروڙين رپين جي بنا وياج قرضن جي منظوري

لاهور (ڪ ڊ) پنجاب جي نگران حڪومت لاهور هاءِ ڪورٽ جي 11 ججن کي 36 ڪروڙ رپين کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سڄي ملڪ ۾ ڪربلا جي شهيدن جو چاليهو مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

حيدرآباد، لاڙڪاڻو، سکر، خيرپور، شڪارپور، لاهور، اسلام آباد، ڪوئٽه سميت ننڍن وڏن شهرن ۾ روايتي جلوس نڪتا

ڪراچي ۾ چاليهي جي موقعي تي مرڪزي جلوس نشتر پارڪ مان برآمد ٿيو جيڪو روايتي رستن کان گذرندو امام بارگاهه حسينيه ايرانيان تي اختتام پذير ٿيو

جلوس جي سيڪيورٽي تي 6 هزار کان وڌيڪ پوليس اهلڪار ۽ ان سان گڏوگڏ رينجرز جا اهلڪار به مقرر ڪيا ويا هئا



ڪراچي: ڪربلا جي امام سڳورن جي چاليهي جي موقعي تي مرڪزي جلوس نشتر پارڪ مان برآمد ٿي رهيو آهي

ڪراچي (نمائندن وٽان) دين اسلام جي سربلندي لاءِ لازوال قرباني ڏيندڙ حضرت امام حسين عليه السلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

وفاقي حڪومت سوشل ميڊيا تي 5 هزارن جي نوٽ جي بندش بابت نوٽيفڪيشن جعلي قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (ڪ ڊ) اطلاعات بابت نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي سوشل ميڊيا تي 5 هزارن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

آءِ ايم ايف 200 يونٽ وارن بجلي واهپيدارن لاءِ نرمي تي متفق، گئس اڳهن ۾ واڌ جو مطالبو

واهپيدارن کي بجلي بلن تي ريلف ڏيڻ جي معاملي تي پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف اختيارين وچ ۾ رابطو ٿيو: ذريعا

آءِ ايم ايف 400 يونٽن تائين بجلي استعمال ڪندڙن کي ريلف ڏيڻ جي تجويز رد ڪري ڇڏي

بل قسطن ۾ وصول ڪرڻ جي حتمي منظوري وفاقي ڪابينا کان ورتي ويندي

اسلام آباد (ڪ ڊ) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) 400 يونٽن تائين بجلي استعمال ڪندڙن کي بجلي بلن تي ريلف ڏيڻ جي معاملي تي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سينيٽ اجلاس لاءِ ريڪوزيشن جو معاملو: ڪجهه پ پ ميمبرن جون صحيحون شڪي قرار

27 ميمبرن جي صحيح سان گڏ ريڪوزيشن جمع ڪرائي وئي: سينيٽر شهادت اعوان کي لکيل خط جو متن

سينيٽر دنيش، عطاءُالرحمان ۽ شفيق ترين پنهنجون صحيحون شامل نه ڪرڻ جو چيو

رضا رباني، پلوشه خان، روبينه خالد، شميم آفريدي، محمد اڪرم جي صحيح ميچ نٿي ڪري

اسلام آباد (ڪ ڊ) سينيٽ سيڪريٽريٽ پيپلز پارٽي طرفان ايوان جو اجلاس گهرائڻ جي لاءِ جمع ڪرايل ريڪوزيشن ۾ ڪجهه صحيحون ڪي شڪي قرار ڏئي ڇڏيو آهي. سينيٽ سيڪريٽريٽ طرفان پيپلز پارٽي جي سينيٽر شهادت اعوان کي لکيل خط ۾ چيو ويو آهي ته 27 ميمبرن جي صحيح سان گڏ ريڪوزيشن جمع ڪرائي وئي. شهادت اعوان کي لکيل خط ۾ چيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پ پ واعدي تان نه ڦري ها ته هن وقت چوندڙن تي وڃن ها: فضل الرحمان

ايم ڪيو ايم ۽ اختر مينگل سميت بين اتفاق راءِ سان فوري طور چوندڙن ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو هو

ملڪ ۾ چوندڙن فيبروري تي آخر تائين ٽينديون، جيڪي حالتون قبيلائي علاقن ۾ آهن، انهن ۾ چوندڙ مهم هلائڻ ڏکيو آهي

پي ٽي آءِ چيئرمين کي آٽيندڙن اعتراف ڪيو ته انهن جي ايجنڈا ڪا ٻي آهي

صحافين سان گڏهائيندي فضل الرحمان چيو ته پ پ واعدي تان ڦري ته هن وقت چوندڙن ٽي وڃن ها، لاهور ۾ اتفاق راءِ سان فوري طور چوندڙن ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو هو پ پ آخري وقت ۾ پي اعتماديءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

لاهور (ڪ ڊ) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته پ پ واعدي تان ڦري ها ته هن وقت چوندڙن ٽي وڃن ها، لاهور ۾ ايم ڪيو ايم ۽ اختر مينگل سميت بين



لاهور: جمعيت علماءِ اسلام جو سربراهه مولانا فضل الرحمان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪنڊ جو اڳهه بي قابو، غريب لاءِ چانهه جو ”ڪٽ“ به مسئلو بڻجي ويو

ڪراچي (ڪ ڊ) ملڪ ۾ ڪنڊ جي اڳهن ۾ مسلسل واڌ سبب غريب لاءِ چانهه جو اڌ ڪوب پيٽ به مسئلو بڻجي ويو آهي. ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪنڊ سان ٺهندڙ شين به مهانگيون ٿي رهيون آهن. مٺائي، آئس ڪريم ۽ ٻين شين جا اڳهه چوٽ چڙهي ويا آهن. ڪنڊ مهانگي ٿيڻ سبب ملڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

حڪومت طرفان ڪيڪ ڊائون کان ٻنڊ ذخيري انڊسٽري ڪنڊ مارڪيٽ ۾ ڪپائڻ شروع ڪري ڇڏي

گذريل ٽن ڏينهن دوران ان جي قيمت ۾ 17 روپيا في ڪلو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي هئي

هول سيل ۾ في ڪلو ڪنڊ 165 رپين مان گهٽجي 160 رپين تائين اچي وئي

شگر ملن به في ڪلو ڪنڊ 3 روپيا سستي ڪئي، جڏهن ته ايڪس مل قيمت 160 روپيا في ڪلو تائين ڪري پئي

ڪراچي (رپورٽر) حڪومت طرفان ڪيڪ ڊائون کان ٻنڊ ذخيري انڊسٽري ڪنڊ مارڪيٽ ۾ ڪپائڻ شروع ڪري ڇڏي. هول سيل ۾ في ڪلو ڪنڊ 5 روپيا سستي ٿي وئي. جڏهن ته گذريل ٽن ڏينهن دوران ان جي قيمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

جنسي زيادتي جي ڪيسن جي جاچ لاءِ خاص يونٽ ٺاهڻ جو حڪم

لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب ۾ جنسي زيادتي جي ڪيسن جي جاچ لاءِ اسپيشل يونٽ جوڙڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

جسٽس طارق سليم سيالڪوٽ ۾ اجتماعي زيادتي واري عورت جي درخواست تي فيصلو ٻڌايو

عدالتن ۾ ڪيترائي ڪيس ناقص جاچ سبب ناڪام ٿيندا آهن: فيصلي جو متن

لاهور (ڪ ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب ۾ جنسي زيادتي جي ڪيسن جي جاچ لاءِ اسپيشل يونٽ جوڙڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. ڪيس جي درخواست تي فيصلو ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري نگران وفاقي وزير شمشاد اختر سان ملاقات ڪري رهيو آهي

تيڪس اڳاڙي وڌائڻ تائين ملڪ جي معيشت بهتر نٿي سگهي: نگران وزير اعظم

ڪاروباري برادري موجوده ملڪي معاشي حالتن جي باوجود ملڪي معيشت جي ترقي ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ روزگار جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي

ڪاروباري طبقي جي تجويزن جي آڇيان ڪيان تو انهن مان عمل جوڳين تجويزن تي عمل ڪرائڻ جي خطري ڪرايان تو وزارت جو عهدو سنياليندي ئي ڪاروباري برادري سان ملاقاتون ڪيون

حڪومت ٽيڪس جي نظام ۾ سڌارا آڻي رهي آهي جنهن لاءِ ٽيڪس جو نظام ڊجيٽلائيز ڪيو پيو وڃي. اسمگلنگ کي روڪڻ جي حوالي سان گذريل 48 ڪلاڪن اندر ڪيڪ ڊائون ڪيو ويو آهي

پاڙسري ملڪن سان واپار وڌائڻ جي حوالي سان صلاح مشورا ٿي رهيا آهن اسمگلنگ کي پنجو ڏيڻ جو پاڙيسري ملڪن جي عملدارن آڇيان ڪئي آهي

واپارين، ڪارخانيدارن ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ڪري ملڪ جي معيشت کي اڳتي وڌيڪ سگهارو ڪنداسين بجلي جي شعبي ۾ سڌارا تيز ڪيا پيا وڃن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جيو آهي ته جيستائين پاڪستان ۾ ٽيڪس اڳاڙي ۽ واڌ نٿي ٿئي تيستائين ملڪ جي معيشت ليڪ نٿي ٿي سگهي اسمگلنگ کي روڪڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ خاص ڪري سرحدي علاقن ۾ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي ڪاروباري برادري موجوده مسئلن جو حل حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي

استريٽ ڪرائم سميت ينگ عيوض اغوا وارن واقعن تي ضابطو آندو پيو وڃي: نگران وڏو وزير

حڪومت ڪراچي ۾ استريٽ ڪرائم ۽ اغوا جي وارداتن کي روڪڻ لاءِ سخت قدم کڻي رهي آهي: جسٽس (ر) مقبول باقر

اسان قانون جي بالادستي قائم ڪري رهيا آهيون ۽ ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

ڪجهه ماڻهن ڪانسواءِ سمورن يرغمالين کي بازياب ڪرايو ويو آهي، باقي بچيل کي پڻ جلد بازياب ڪرايو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ڇيو آهي ته سندس حڪومت ڪراچي ۾ استريٽ ڪرائم ۽ اغوا جي وارداتن کي روڪڻ لاءِ سخت قدم کڻي رهي آهي. اسان قانون جي بالادستي قائم ڪري رهيا آهيون ۽ ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ايئر اي جناح روڊ تي سي برينچ وٽ چلهر جي جلوس ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07



اسلام آباد: نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر اعجاز گوهر سان آمريڪي سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

توشه خانه ڪيس: بشريٰ بي بي جي عبوري ضمانت ۾ 12 سيپٽمبر تائين واڌ

بشريٰ بي بي جي خلاف توشه خانه ڪيس جي ٻڌڻي ايڈيشنل سيشن جج طاهر عباس سپراءِ ڪئي

بشريٰ بي بي پنهنجي وڪيل سلمان صفدر، انتظار پنجوتها ۽ نعيم پنجوتها سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿي

بشريٰ بي بي جي وڪيس ميچنگ جي لاءِ وقت ڏنو وڃي (جاچ آفيسر) عدالت جاچ آفيسر جي استدعا منظور ڪري ورتي

اسلام آباد (ڪ ڊ) توشه خانه ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي گهر واري بشريٰ بي بي جي ضمانت ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ بشريٰ بي بي جي خلاف توشه خانه ڪيس جي ٻڌڻي ايڈيشنل سيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08



بشريٰ بي بي پنهنجي وڪيل عدالت ۾ پيشي لاءِ اينديون

ڪراچي وارا گرميءَ لاءِ تيار ٿي وڃن، موسميات ڪاتي اهم آگاهي ڏئي ڇڏي

شهر جو وڌ ڪان وڌ گرمي پد 33 ڪان 35 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو: موسميات ڪاتو

شهر ۾ گرمي جي شدت 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين محسوس ڪري سگهجي ٿي

ڪراچي (ڪ ڊ) ڪراچي ۾ گرمي جي شدت وڌي رهي آهي ۽ شهر ۾ ڪجهه ڏينهن گرمي جو راڄ هوندو، موسميات ڪاتي ايندڙ ٿي ڏينهن موسم گرم رهڻ جي آگاهي ڪندي چيو آهي ته گرمي پد وڌڻ جو امڪان آهي. موسميات ڪاتي مرجب شهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪوئٽه ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي: 4 دهشتگرد مارجي ويا

اغبرگ ۾ ڪائونٽر ٽيرازم ڊپارٽمينٽ اهلڪارن ڪارروائي ڪئي

مارجي ويل سمورن ماڻهن جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيم سان آهي: پوليس

ڪوئٽه (ڪ ڊ) بلوچستان جي راڄڌاني جي ڏوراهين علاقي ۾ مبينه مقابلي دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا آهن پوليس موجب ڪوئٽه جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: ڪورنگي ۾ بڪ شاپ تي هٿياربندن جي فائرنگ، پي ايڇ ڊي پٽ قتل

هٿياربندن بڪ اسٽال تان ڦرڦار دوران مزاحمت ڪرڻ تي بڪ اسٽال جي بزرگ مالڪ ۽ سندس پٽ کي گولين هنيون

واقعي واري هنڌ ان گولين جا 4 خول مليا آهن. واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ حاصل ڪري ورتي آهي: پوليس

ڪراچي (ڪ ڊ) ڪراچي ۾ ڪورنگي واري علاقي ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري پي ايڇ ڊي پٽ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 304 رپين 94 پئسن تي بند ٿيو

اوپن مارڪيٽ ۾ به آمريڪي ڊالر 5 رپين کان وڌيڪ گهٽتائي ڪانپوءِ 307 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (ڪ ڊ) انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو. انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 304 رپين 94 پئسن تي بند ٿيو. گذريل ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

وفاقي سرڪار دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جو امڪان رد ڪري ڇڏيو

فارما انڊسٽري 250 کان وڌيڪ دوائن جي قيمتن ۾ واڌ چاهي ٿي: وفاقي صحت وزارت

فوري طور تي دوائن جي قيمتن ۾ واڌ ممڪن نه آهي

اسلام آباد (ڪ ڊ) وفاقي سرڪار دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جي امڪان کي رد ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي صحت واري وزارت جي اختيارين ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14



اسلام آباد: نگران وفاقي وزير انيق الرحمان جماعت اسلامي جو امير سراج الحق سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي

سني خبر، هلندڙ مهيني ئي ٿو سستو ٿي ويندو

ڪان ڪٽڪ جا 3 جهاز جلد ڪراچي پهچي رهيا آهن: امپورٽرز

پهريون جهاز ايم وي بيڪس هليل 15 سيپٽمبر تي ڪراچي پهچندو

ڪراچي (ڪ ڊ) اثر درآمد ڪندڙن جو چوڻ آهي ته هلندڙ مهيني في ڪلو اتي جي قيمت ۾ 15 ڪان 20 رپين جي لاٽ ايندي. اتي جي امپورٽرز چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

بلاول ڀٽو جي فوت ٿي ويل ڪارڪن جي وارثن سان تعزيت

پ پ چيئرمين شهيد حسين الهدايٰ عرف امجد حسين ۽ شهيد شوڪت حماد بلوچ جي گهر پهتو

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي درجات جي بلنديءَ لاءِ فاتحه خواني ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري گذريل مهيني ڪراچي ۾ شهيد ٿيندڙ پارٽي جي ٻن عهديدارن شهيد حسين الهدايٰ عرف امجد حسين ۽ شهيد شوڪت حماد بلوچ جي گهر پهتو ۽ سندن گهرپاتين سان تعزيت جو اظهار ڪيو. خاندان ميڊيا سيل بلاول حوثي پاران جاري ڪيل پترائي موجب پ پ چيئرمين ۽ نگي ٿائون يونين ڪميٽي 26 ۾ پارٽي صدر شهيد حسين الهدايٰ عرف امجد حسين جي گهر پهتو ۽ شهيد جي پاڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23



بلاول ڀٽو فوت ٿي ويل ڪارڪن جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

ڪراچي وارا گرميءَ لاءِ تيار ٿي وڃن، موسميات ڪاتي اهم آگاهي ڏئي ڇڏي

شهر جو وڌ ڪان وڌ گرمي پد 33 ڪان 35 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو: موسميات ڪاتو

شهر ۾ گرمي جي شدت 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين محسوس ڪري سگهجي ٿي

ڪراچي (ڪ ڊ) ڪراچي ۾ گرمي جي شدت وڌي رهي آهي ۽ شهر ۾ ڪجهه ڏينهن گرمي جو راڄ هوندو، موسميات ڪاتي ايندڙ ٿي ڏينهن موسم گرم رهڻ جي آگاهي ڪندي چيو آهي ته گرمي پد وڌڻ جو امڪان آهي. موسميات ڪاتي مرجب شهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪوئٽه ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي: 4 دهشتگرد مارجي ويا

اغبرگ ۾ ڪائونٽر ٽيرازم ڊپارٽمينٽ اهلڪارن ڪارروائي ڪئي

مارجي ويل سمورن ماڻهن جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيم سان آهي: پوليس

ڪوئٽه (ڪ ڊ) بلوچستان جي راڄڌاني جي ڏوراهين علاقي ۾ مبينه مقابلي دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا آهن پوليس موجب ڪوئٽه جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: ڪورنگي ۾ بڪ شاپ تي هٿياربندن جي فائرنگ، پي ايڇ ڊي پٽ قتل

هٿياربندن بڪ اسٽال تان ڦرڦار دوران مزاحمت ڪرڻ تي بڪ اسٽال جي بزرگ مالڪ ۽ سندس پٽ کي گولين هنيون

واقعي واري هنڌ ان گولين جا 4 خول مليا آهن. واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ حاصل ڪري ورتي آهي: پوليس

ڪراچي (ڪ ڊ) ڪراچي ۾ ڪورنگي واري علاقي ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري پي ايڇ ڊي پٽ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 304 رپين 94 پئسن تي بند ٿيو

اوپن مارڪيٽ ۾ به آمريڪي ڊالر 5 رپين کان وڌيڪ گهٽتائي ڪانپوءِ 307 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (ڪ ڊ) انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو. انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 304 رپين 94 پئسن تي بند ٿيو. گذريل ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

وفاقي سرڪار دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جو امڪان رد ڪري ڇڏيو

فارما انڊسٽري 250 کان وڌيڪ دوائن جي قيمتن ۾ واڌ چاهي ٿي: وفاقي صحت وزارت

فوري طور تي دوائن جي قيمتن ۾ واڌ ممڪن نه آهي

اسلام آباد (ڪ ڊ) وفاقي سرڪار دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جي امڪان کي رد ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي صحت واري وزارت جي اختيارين ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير انيق الرحمان جماعت اسلامي جو امير سراج الحق سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي

سني خبر، هلندڙ مهيني ئي ٿو سستو ٿي ويندو

ڪان ڪٽڪ جا 3 جهاز جلد ڪراچي پهچي رهيا آهن: امپورٽرز

پهريون جهاز ايم وي بيڪس هليل 15 سيپٽمبر تي ڪراچي پهچندو

ڪراچي (ڪ ڊ) اثر درآمد ڪندڙن جو چوڻ آهي ته هلندڙ مهيني في ڪلو اتي جي قيمت ۾ 15 ڪان 20 رپين جي لاٽ ايندي. اتي جي امپورٽرز چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

بلاول ڀٽو جي فوت ٿي ويل ڪارڪن جي وارثن سان تعزيت

پ پ چيئرمين شهيد حسين الهدايٰ عرف امجد حسين ۽ شهيد شوڪت حماد بلوچ جي گهر پهتو

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي درجات جي بلنديءَ لاءِ فاتحه خواني ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري گذريل مهيني ڪراچي ۾ شهيد ٿيندڙ پارٽي جي ٻن عهديدارن شهيد حسين الهدايٰ عرف امجد حسين ۽ شهيد شوڪت حماد بلوچ جي گهر پهتو ۽ سندن گهرپاتين سان تعزيت جو اظهار ڪيو. خاندان ميڊيا سيل بلاول حوثي پاران جاري ڪيل پترائي موجب پ پ چيئرمين ۽ نگي ٿائون يونين ڪميٽي 26 ۾ پارٽي صدر شهيد حسين الهدايٰ عرف امجد حسين جي گهر پهتو ۽ شهيد جي پاڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

بلاول ڀٽو فوت ٿي ويل ڪارڪن جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

پ پ 15 سالن ۾ هر ڪاتي ۾ پنهنجا ڪارڪن پرتي ڪيا: مصطفيٰ ڪمال

پاڙيسري ملڪ چند ٽي پهچي ويو پر ڪراچي جا هار گٽر ۾ ڪري مري رهيا آهن

ايم ڪيو ايم پاڪستان تڪڙين چوندن جي حامي آهي، تڪ بندين جي عمل کي تيز ڪيو وڃي

تڪ بندين بنا چوندون ڪرائيندڙن کي شرم اچڻ گهرجي: ڪيو ايم پاڪستان اڳواڻ

ڪراچي (ڪ ڊ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال ڇيو آهي ته پاڙيسري ملڪ چند ٽي پهچي ويو پر ڪراچي جا هار گٽر ۾ ڪري مري رهيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25



ايم ڪيو ايم پاڪستان اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال

توهين عدالت ڪيس: ڊي سي اسلام آباد ۽ ايس ايس پي تي فرد جرم لاڳو

هين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار ڪئي

ڊي سي اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ ۽ ايس ايس پي آپريشنز جميل ظفر عدالت ۾ پيش ٿيا

اسلام آباد (ڪ ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شهريار آفريدي خلاف ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ جا اختيار استعمال ڪرڻ تي توهين عدالت ڪيس ۾ ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد ۽ ايس ايس پي آپريشنز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ملڪ ۾ بجلي چوري ڪانپوءِ گئس چوري خلاف به آپريشن شروع

گئس چوري تي ضابطي لاءِ ٽيڪنالاجي جي مدد ورتي وئي آهي: ڊائريڪٽر عامر طفيل

3 سالن ۾ 803 ڪيس داخل ڪيا ويا، ان دوران 361 ملازمن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

لاهور (ڪ ڊ) ملڪ ۾ بجلي چوري ڪانپو، گئس چوري خلاف به آپريشن شروع ڪيو ويو آهي. سوئي ناردرن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر عامر طفيل موجب گئس چوري تي ضابطي لاءِ يڪنالاجي جي مدد ورتي وئي آهي. 3 سالن ۾ 803 ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نگران صوبائي وزير محمد يونس ڊاگا کي ٽرانسپورٽ ڪاتي بابت ڪاتي جي آفيسرن جي بريفنگ

عالمي بئنڪ جي رپورٽ موجب ڪراچي ۾ گڏيل پبلڪ ٽرانسپورٽ سسٽم لاءِ 15 هزار بسن جي ضرورت آهي: نگران وزير کي بريفنگ

جن ۾ پيپلز بس سروس جون 240 بسون بي آر ٽي تحت 100 بسون ۽ خانگي شعبي تحت 690 پرائيون بسون شامل آهن

خانگي شعبي کيبسن جي خريداري لاءِ آسان قرضن جي فراهمي جي منصوبي تي ڪم کي اڳتي وڌايو وڃي: محمد يونس ڊاگا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نائب ريونيو ۽ منصوبا بندي ۽ ترقي ڪاتن واري نگران صوبائي وزير محمد يونس ڊاگا جي ٽرانسپورٽ ڪاتي سنڌ جي آفيسرن سندس آفيسنڊ سيڪريٽريٽ ۾ بريفنگ دوران ٻڌايو ته ورلڊ بينڪ جي رپورٽ موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي سي اي او پاران وفد سان گڏ نگران صحت واري وزير سان ملاقات

ڊاڪٽر احسن قوي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد کي ڪميشن جي مسئلن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

نگران صحت واري وزير سنڌ ڊاڪٽر سعد خالد پاران ڪميشن کي درپيش مسئلن بابت ڊرافٽ تيار ڪرڻ جي هدايت

هر ڪلينڪ کي پي ايم ڊي سي کان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ لڳائڻ جي ضرورت آهي: ڊاڪٽر احسن قوي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سان سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر احسن قوي هڪ وفد سان گڏ سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. وفد ۾ ڊائريڪٽر لائسنسنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17



ڪراچي: نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز جو سنڌ گورنمينٽ اسپتال ڪورنگي جي دوري دوران ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز جو سنڌ گورنمينٽ اسپتال ڪورنگي نمبر 5 جو اوچتو دورو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز جو سنڌ گورنمينٽ اسپتال ڪورنگي نمبر 5 جو اوچتو دورو ڪيو ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ۽ ڊاڪٽرن جي غير حاضري تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. نگران صحت واري وزير اسپتال جي مختلف وارڊن جو دورو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

آباد ڪار بورڊ جو صدر عبدالمجيد نظاماڻي ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جومڙهه ڪراچي کان ٽنڊو محمد خان سندس اباڻي ڳوٺ باقر نظاماڻي پهچايو ويو مرحوم جي لاڏاڻي تي سوڳ جي لهر ڇانجي وئي

مرحوم جي جنازه نماز ڳوٺ باقر نظاماڻي ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ آباد ڪارن سميت سوين ماڻهن کي شرڪت ڪئي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ: شبير جمالي) ڪالاباغ ڊيم جي خلاف پرپور آواز اٿارينڊ سنڌ آبادڪار بورڊ جو ميمبر ۽ ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي عمر جومڙهه ڪراچي کان ٽنڊو محمد خان سندس اباڻي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ٺڪرائو ۾ امام حسين ع ۽ جانثارن جو چاليهو مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

ماتمي جلوس لطيفي امام بارگاهه ٺڪرائو مان بر برآمد ڪيو ويو، سوين عزادارن پاران شرڪت ڪري سينا زني ڪئي

مختلف گذرگاهن کان ٿيندو شهر جي مين چوڪ وٽ پهچندي مومنن توڙي اچ وڃ ڪندڙ مسافرن لاءِ سبيلن جا اسٽال لڳايا ويا

روهڙي ڪربلا مولا ۾ ٺڪرنڊڙ مرڪزي ماتمي جلوس ۾ شرڪت لاءِ روانو ٿي ويو، ماتمي جلوس لطيفي امام بارگاهه اختتام پذير

ٺڪرائو(ن سنڌيار) ٺڪرائو ۾ امام حسين ع ۽ سندن جانثارن جو چاليهو مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو خبر موجب ملڪ جي ٻين شهرن جيان ٺڪرائو ۾ به شهيد امام حسين ع ۽ سندن جانثارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03



ٺڪرائو: چهلم جي موقعي تي ماتمي جلوس ڪڍيو پيو وڃي

نوشهروفيروز: ۾ هفتا اڳ قتل ڪيل نينگري عشاءَ ملڪ جا جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج

نوشهرو فيروز(رپورٽر)ٻه عيدن جي وارڊ نمبر پنج ۾ ٻه هفتا اڳ قتل ڪيل نينگري عشاءَ ملڪ جا جوابدار پوليس اهلڪار گرفتار نه ڪرڻ خلاف مقتولا جي ماءُ مامي پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مقتولا جي امڙ بلقيس ۽ مامي صلاح الدين ملڪ ٻڌايو ته اسان جي نينگري عشاءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪنٽرول امتحانات سان پيش آيل واقعو اداري کي بدنام ڪرڻ جي سازش آهي : ترجمان شاهه لطيف يونيورسٽي

ٻنهي ايسوسيئيشنز پاران تازو منعقد ٿيل پريس ڪانفرنس کي بي بنياد ۽ الزام تراشي جو حصو قرار ڏنو ويو آهي

پريس ڪانفرنس ڪرڻ وارو عمل خلاف ورزي آهي ۽ يونيورسٽي انتظاميه ان سلسلي ۾ قانوني قدم کڻڻ جي مجاز آهي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ترجمان پريس رليزجاري ڪندي ڄاڻايو آهي ته آفيسرز ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي عهديدارن پاران يونيورسٽي جي سينئر ترين آفيسر ۽ ڪنٽرولر امتحانات سيد مهدي شاهه راشدي سان سنڌس آفيس ۾ ڪيس هراسان ڪرڻ، ڌمڪيون ڏيڻ ته هو پنهنجي آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مانجهند _لاڪڙا جي ڪاڻين ۾ ڳجهه ڳوهه ۾ کوٽائي دوران 2 سڳن ڀائرن سميت 3 مزدور دٻجي ويا

28 ورهين جو سميع رحمان، 30 ورهين جو خليل احمد ۽ 17 ورهين جو حامد رحمان دٻجي فوت ٿي ويا

ريسڪيو آپريشن جو جوڳو بندوبست نه هئڻ بغير مزدورن کي ڪڍڻ جي ڪيترن ڪلاڪن کان ڪوشش هلندڙ

فتح ڪول ڪمپني ۾ پڻ چوري ڪوئلو نڪري ٿو، ڪاڻين جي مزدورن جون زندگيون بچائڻ لاءِ سخت قدم کنيا وڃن : اڳواڻ

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند _لاڪڙا جي ڪاڻين ۾ ڳجهه ڳوهه ۾ کوٽائي جهلم جي عام موڪل تي جبري پورهئي دوران پڪ ڪرڻ سبب 2 سڳن ڀائرن سميت 3 مزدور دٻجي ويا ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ جون دانهون. تفصيل موجب مانجهند تعلقي جي لاڪڙا ڪول فيلڊ جي سنڌ لاڪڙا ڪول مائينز بلاڪ 4 ۾ ڪوئلي جي کوٽائي دوران ڪاڻ جي پڪ ڪرڻ جي نتيجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09



مانجهند: حادثي بعد واقعي واري هنڌ ماڻهن جي رش نظر اچي رهي آهي

پوليو وائرس تاسان سيني ۽ خاص ڪري ٻارن لاءِ هڪ چئلينج آهي : ڊي سي ميرپورخاص

ميرپورخاصبيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري چيو آهي ته پوليو وائرس تاسان سيني ۽ خاص ڪري ٻارن لاءِ هڪ چئلينج آهي هن وائرس کان بچاءَ لاءِ سنجيده قدم کنيا پيا وڃن. هن ان ڳالهه جو اظهار 2 کان 6 آڪٽوبر 2023 تائين 5 ڏينهن واري انسداد پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ بابت ڪمشنر ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

آبياني جا اڳهه ڏاهڪن کان ساڳيا آهن جن کي وڌائڻ جي ضرورت آهي : سيڊا چيئرمين

آبياني جا اڳهه ڏاهڪن کان ساڳيا هلي رهيا آهي، جنهن جي ڪري حڪومت جو آبپاشي نظام تي خرچ وڌيڪ ۽ روينيو گهٽ وصول ٿي رهيو آهي

آبياني جا اڳ گهٽ هئڻ باوجود آبادگار اهي پابندي سان نٿا ڀرين، وصولي تيز ڪئي وڃي ۽ بقايائون نه ڏيندڙ آبادگارن جي هر بل ۾ بقايائون واضح ڄاڻايون وڃن

اي بلنگ لاءِ سمورا انگ اڪر جلد تيار ڪري اهي ڪر عملي طور شروع ڪيو وڃي ته جيئن آبياني جي وصولي کي بهتر بڻائي سگهجي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) جي چيئرمين قبول محمد کتياڻ چيو آهي ته آبياني جا اڳهه ڏاهڪن کان ساڳيا آهن جن کي وڌائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن آبپاشي نظام تي ايندڙ خرچ کي پورو ڪري سگهجي، اهڙو اظهار هن سيڊا بورڊ جي 57 هين گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو سيڊا چيئرمين وڌيڪ چيو ته آبياني جا اڳهه ڏاهڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گلاب لغاري ۾ ڪربلا جي شهيدن جي چهلم تي ماتمي جلوس برآمد

حضرت امام حسين عليه السلام ۽ جان نثار ساٿين جو چهلم نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

هزارين مرد عورتون ۽ ٻارڙا پيادل مختلف ٽرانسپورٽن وسيلي پهتا جتي نوحه خاني ۽ سينا زني ڪئي وئي

پوليس ۽ ليڊيز پوليس سميت رضاڪار پڻ مقرر ڪيا ويا جن سيڪيورٽي وا انتظام سرانجام ڏنا

گلاب لغاري(رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري ۾ ڪربلا جي شهيد حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندن جان نثار ساٿين جو چهلم هر سال جيان گلاب لغاري پرسان اڳهر ڪوٽ ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو خبر موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڳاڙهو شهر ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جو چاليهو عقيدت احترام سان ملهايو ويو

ڳاڙهو(رپورٽر) ڳاڙهو شهر ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جو چاليهو عقيدت احترام سان ملهايو ويو، مختلف علائقن کان ماتمي جلوس برآمد، سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا خبر موجب حضرت امام حسين عليه السلام جي چاليهي جي موقعي تي ساحلي پٽي جي مختلف علائقن کان ماتمي جلوس برآمد ٿيا ماتمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23



گلاب لغاري: شهداءِ ڪربلا جي چهلم جي موقعي تي ڪئمپ تي اڳواڻ ويٺل آهن

گمبٽ پرسان ٻارنهن سالا نياڻي حميرا اڄڻ جي اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

اغوا ڪندڙ مک جوابدار ميان امير جڙيو شاهنواز پٽ محرم علي اڄڻ ۽ اٽجاتل 6 ڄڻا هئا : امڙ

بااثر جوابدار منهنجي معصوم نياڻي کي منهنجي مٿان تشدد ڪري ڪنيي ڪٽي ويا آهن

منهنجي جيئڻ جو سهارو منهنجي نياڻي آهي جيڪا هن وقت مونکان الڳ آهي، انصاف ڏياريو وڃي

گمبٽ(رپورٽر) گمبٽ پرسان ڳوٺ ميهر شاهه جا رهواسي ٻنهنجي ٻارنهن سالا نياڻي حميرا اڄڻ جي اغوا خلاف گمبٽ ميڊيا اڳيان احتجاج اپ ڏارينڊڙ ڌانهون نياڻي جي بازيابي جو مطالبو خبرموجب ماءُ حميدا خاتون صحافين آڏو دانهيندي چيو ته منهنجي 11 سالا نياڻي حميرا کي اغوا ڪندڙ مک جوابدار ميان امير جڙيو شاهنواز پٽ محرم علي اڄڻ ۽ اٽجاتل 6 ڄڻا هئا جيڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گهارو ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران اغوا ٿيل پريا ڪماري جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو

جسر وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڏائي، هندو پنچائت صدر پونداس ٽيڪيائي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪنڊ ڪوٽ ۾ دهشتگرد موڪلي ڪنجر استعمال ڪيا ويا ڌرتي ڌڻين کي زخمي ڪيو ويو جنهن جي مذمت ڪريون ٿا : اڳواڻ

اسان قومپرست قيادت جا شڪرگذار آهيون جن پهرين ڏينهن کان ڪشمور ۽ ڪنڊ ڪوٽ تي ڌرڻن ۾ سات ڏنو، انصاف ڏياريو وڃي

گهارو(رپورٽ بشام جوکيو) جيئي سنڌ محاذ پاران اغوا ٿيل پريا ڪماري جي آزادي لاءِ گهاري شهر ۾ جسر وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڏائي، هندو پنچائت گهارو جي صدر پونداس ٽيڪيائي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ڌرتي کي خطاب ڪندي نواز شاهه پاڏائي چيو ته پريا ڪماري ۽ ٻين اغوا ٿيل سنڌي هندن جي لاءِ ڪنڊ ڪوٽ ۾ لڳل ڌرتي تي ايس ايس پي پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪوٽ غلام محمد ۾ هاري تحريڪ جي اڳواڻ ڊاڪٽر نور محمد خاصخيلي جي گهر واري گڙدن جي مرض ۾ مبتلا

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ بچل خاصخيلي ۾ هاري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر نور محمد خاصخيلي جي گهر واري ڪافي وقت کان گڙدن جي مرض ۾ مبتلا ٿي وئي، مسلسل ڊائيلاسيز تي رهڻ بعد هن فاني جهان مان گذاري وئي، جنهن جي جنازي نماز ڳوٺ بچل خاصخيلي ۾ ادا ڪئي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30



گهارو : جسر اڳواڻ احتجاجي ريلي ڪڍي رهيا آهن

دولتپورصفن ۾ فيميل ليڪچرار مقرر نه ٿيڻ ۽ بوائز ڪاليج جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب جي صدر ولي محمد جوکيو، صحافي پيرل پلي، غلام رسول رند، نذير ڏاهري ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪيترن ئي سالن کان گورنمينٽ گرلز ڪاليج ۾ فيميل ليڪچرارون ناهن، جنهن سبب تعليم متاثر ٿي رهي آهي : مظاهرين

بوائز ڪاليج ۾ مختلف سبجيڪٽن جي ليڪچرارن جي ڪوٽ آهي، جنهن ڪري شاگردن جي تعليم اڻپوري آهي

دولتپور صفن(رپورٽر)سول سوسائٽي جي اڳواڻن جي سڏ تي گرلس ڪاليج دولتپورصفن ۾ فيميل ليڪچرار مقرر نه ٿيڻ ۽ بوائز ڪاليج دولتپورصفن ۾ ليڪچرارن جي ڪوٽ خلاف دولت پور پريس ڪلب جي صدر ولي محمد جوکيو. نيشنل پريس ڪلب جي سينئر صحافي پيرل پلي، عوامي پريس ڪلب جي صدر غلام رسول رند جسقم جي دولتپورصفن جي صدر نذير ڏاهري،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نئون ڪوٽ ۾ امام حسين عليه اسلام جو چهلم ملهايو ويو

مومنن زنجيرن سان ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي

ڪربلا جي شهيدن جي چهلم تي سيڪورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ امام حسين عليه اسلام جو چهلم نهايت ٿي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو مرڪزي الحسني امام بارگاهه تي مختلف امام بارگاهن کان قافلا پهتا جتان هڪ وڏو ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن تکيه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سٽ ميل شهداءِ ڪربلا جي چهلم تي ماتمي جلوس برآمد

ماتمي جلوس هوت فقير روڊ ۽ 3 چڪ روڊ کان ٿيندي مين چوڪ تي پهتي

حسين مري ۽ معشوق علي پرٽ جي اڳواڻي ۾ ڪئمپ پڻ لڳائي وئي

سٽ ميل(رپورٽر)سٽ ميل شهداءِ ڪربلا جي چهلم تي ماتمي جلوس زوار اسرار حسين مري ۽ زوار اشفاق حسين مري طاهر خاصخيلي اقبال حسين مري جي اڳواڻي ۾ برآمد مختلف انجمن پاران نوحه خواني ڪئي وئي ماتمي جلوس هوت فقير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02



سٽ ميل : شهداءِ ڪربلا جي چهلم جي موقعي تي عزادار ماتم ڪري رهيا آهن

نئون ڪوٽ پرسان پرائمري اسڪول جي ديوار ڪرڻ سبب نوجوان دٻجي فوت

پرائمري اسڪول جي ديوار ڪرڻ سبب 22 ورهن جو نوجوان امان الله رند دٻجي فوت ٿي ويو

اسپتال ۾ ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، نوجوان جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان پرائمري اسڪول جي ديوار ڪرڻ سبب نوجوان دٻجي فوت، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، خبرموجب نئون ڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان پي ايس 23 جو اجلاس

سنڌ اندر لاقانونيت ۽ مهانگائي عروج تي پهچي وئي آهي : مولانا محمد موسيٰ ٻرڙو

پيٽرول، گئس، بجلي ۽ عام واهپي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن

سکر(بيورو رپورٽ) تحريڪ لبيڪ پاڪستان پي ايس 23 ضلعي سکر جو هڪ اهم اجلاس مولانا محمد موسيٰ ٻرڙو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس ۾ اهم اڳواڻن جي شرڪت تفصيل موجب تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلعي سکر جي صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽي ۾ چهلم حضرت امام حسين ع احترام سان ملهايو ويو

چهلم جي ڏهاڙي تي مشهدي امام بارگاهه ۾ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي

چهلم تي انتظاميا پاران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا

ٺٽو(رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ)سموري سنڌ جيان ٺٽي ۾ چهلم حضرت امام حسين ع احترام سان ملهايو ويو انهي سلسلي ۾ ٺٽي شهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



سکر ۽ روهڙي ۾ اربعين دعا، ماتمي جلوس برآمد

حضرت امام حسين جي جانثارن جو چهلم عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

مومنين جا ننڍا وڏا پيادل قافلن جي آمد جو سلسلو رات کان ئي جاري هو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ڪربلا جي شهيدن جي چهلم واري ڏينهن جي سلسلي ۾ سکر ۽ روهڙي ۾ اربعين دعا ماتمي جلوس برآمد ان سلسلي ۾ ملڪ جي ٻين شهرن جيان سکر روهڙي سميت ضلعي جي ٻين شهرن ڪنڌرا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪوٽڙي سائيٽ پوليس جي ڪاروائي، منشيات هٽ

پوليس هڪ منشيات فروش گرفتار ڪري 2 ڪلو چرس هٽ ڪيو

گرفتار جوابدار خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو

ڪوٽڙي(رپورٽر) ڪوٽڙي سائيٽ پوليس جي ڪارروائي هڪ منشيات فروش گرفتار 2 ڪلو چرس هٽ. ڪوٽڙي سائيٽ پوليس ايس ايچ او خير محمد ملاح جي اڳواڻي ڪوٽڙي جي سائيٽ واري علائقي ۾ ڪاروائي ڪندي هڪ منشيات فروش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



ڪوٽڙي : پوليس جي ڪارروائي دوران گرفتار جوابدار بيٺل آهي

نوشهروفيروز : ڪنڊڪوٽ ۾ ڌرڻي تي پوليس گردي خلاف احتجاج

عبدالستار لهراڻي، شڪيل جوکيو، امر امتياز ميمڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پرامن احتجاج تي تشدد ظلم جي انتها آهي، نوٽيس ورتو وڃي : مظاهرين

نوشهرو فيروز (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ ۾ ڌرڻي تي پوليس گردي خلاف احتجاج ڪيو ويو وڪيلن پاران ضلع بار ايسوسيئيشن آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عبدالستار لهراڻي، شڪيل جوکيو، امر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

چاچري جي ڪافي ڳوٺن ۾ پيٽ بلائون نظر اچڻ لڳيون

ماڻهن جون نينڊون حرام ٿي ويون، سڄي رات جاڳي گذارڻ تي مجبور

2 بلائون ماريون ويون هڪ ڳوٺ ڏاڙو ۾ پيٽ بلا ماري وئي

چاچرو(رپورٽر) تعلقي چاچري جي ڪافي ڳوٺن ۾ پيٽ بلائون نظر اچڻ لڳيون ٻر مالڪ جا لک ڪرم اچان ڪوجاني نقصان ڪون ٿيو آهي ٻر ماڻهن جون نينڊون حرام ٿي ويون سڄي رات جاڳي گذارڻ تي مجبور چاچري ڳوٺ منڙيو ڪيلهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ماضي کي وساري اڳتي وڌڻ جو عزم ڪيو وڃي : صنم راڄپر

عورتن ۽ ٻارڙن سان ڏاڍائي تشدد بليڪ ميل قتل جي واقعن کي روڪڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻي پوندي : شائسته بلوچ

نفرت انگيز گفتگو تقريرون ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي، پاڪستان جي آئين ادارن جو احترام ڪيو وڃي : زوبا ملاح

راڄپور(رپورٽر)هن وقت ملڪ جي عوام مٿان ڏکيو وقت آهي، جنهن بعد پاڪستاني شهرين سميت سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن سان گڏ باضمير قلم ڪارن مٿان فرض آهي ته هن ڏکئي وقت ۾ نگران حڪمرانن سان سات ڏيڻي ملڪ کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29



روهڙي جي ڪربلا ميدان ۾ اربعين جي دعا ۾ سوين عزادارن جي شرڪت

چهلم امام حسين عليه جي موقعي تي ٻين شهرن جيان روهڙي ۾ به ماتمي جلوس ۽ تعزيه برآمد ڪيا ويا

شاهي بازار، ٽانگا اسٽينڊ، نسيم هوٽل، درگاهه وارا مبارڪ ۽ ٻين هنڌن کان ٿيندي درگاهه بولڻ شاهه تي اختتام پذير ٿيو

ماتمي جلوس ۾ عزادارن توڙي عقيدتمندن پاران ٿڌي مٺي پاڻيءَ جي سبيل سميت مختلف قسمن جي لنگر نياز جو اهتمام ٿيل هو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ)روهڙي جي ڪربلا ميدان ۾ اربعين جي دعا ۾ سوين عزادارن جي شرڪت بعد دعا اربعين نماز ظهر و عصر با جماعت ادا ڪئي وئي جڏهن ته چهلم امام حسين عليه جي موقعي تي ٻين شهرن جيان روهڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪورنگي فش هاربر جا ملازم سراپا احتجاج، نثار کهڙي نوٽيس ورتو

مليرا(رپورٽر) ملير: ڪورنگي فش هاربر جي ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو. پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو مظاهرين وٽ پهچي سندن مسئلا حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي. ان ڏس ۾ فش هاربر جي تنظيم سي بي اي يونين جي سڏ تي جنرل سيڪريٽري قاضي فيصل. جوائنٽ سيڪريٽري غلام حيدر بلوچ. نائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05



سکر : ڪربلا جي شهيدن جي چهلم تي نڪتل جلوس جو ڏيک

ڪوٽ غلام محمد ۾ 22 سالا ناري مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي

مائٽن ۾ ڪانوڙي جي عيد تي سندس مائٽن وٽ عيد ڪرڻ آئي هئي

ڪٽ جي واڌاڻ سان ڳلي ۾ رسو ٻڌي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ محمد امين سيال ۾ شادي شده نوجوان 22 سالا ناري مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي ڪوٽ غلام محمد تعلقي ۾ خودڪشين رڪڻ لڳيون فقيرو ميگهواڙ سان 4 مهينا اڳ شادي ٿي چوڪري مائٽن ۾ ڪانوڙي جي عيد تي سندس مائٽن وٽ عيد ڪرڻ آئي، جتي پاڻ کي ديوي جي وڻ سان ڪٽ جي واڌاڻ سان ڳلي ۾ رسو ٻڌي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو ۾ چهلم امام حسين عليه السلام جي سلسلي ۾ سفر عشق پيادل، انتظام سخت

سفر عشق ۾ ضلعي جي چئن تعلقن سان تعلق رکندڙ هزارين مومنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ضلعي انتظاميه پاران مشي ۾ دل ڪش منظر، سفر عشق دوران سبيلن،ننگر نياز جا انتظام ڪيا ويا

ماتمي جلوس مرڪزي امام بارگاهه حيدري تي نهرات ٿيو جتي نياز نگر تقسيم ڪيو ويو

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ چهلم امام حسين عليه السلام جي سلسلي ۾ سفر عشق پيادل مشي ڳوٺ قاسم آباد کان دادو شهر تائين 10 ڪلو ميٽر پيادل مشي ڪري ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ سفر ڪيو جنهن ۾ دادو ضلعي جي چئن تعلقن سان تعلق رکندڙ هزارين مومنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، مشي ۾ دل ڪش منظر، سفر عشق دوران سبيلن،ننگر نياز جا انتظام ڪيا ويا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نئون ڪوٽ شهر مان ڏينهن ڏٺي جو هڪ وڏيڪ موٽرسائيڪل چوري

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ شهر مان اڄ ڏينهن ڏٺي جو هڪ وڏيڪ موٽرسائيڪل چوري حاضر سروس استاد ممتاز گجر جي CD70 2020 ماڊل موٽرسائيڪل بلال مسجد با غ محلا ۾ مسجد اڳيان لاڪ ڪري جئين نماز پڙهڻ ويو ته نامعلوم چابي چور لاڪ توڙي موٽرسائيڪل چوري ڪري ويا اهڙو اطلاع بروقت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11



دادو : شهداءِ ڪربلا جي چهلم تي نڪتل سفر عشق ريلي جو ڏيک

ڄامشورو ۾ سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڪماري ۽ ساگر ڪمار سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ لڳل ڌرڻي تي پوليس لٺبازي ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاج ڪيو ويو

مغوين لاءِ پرامن ڌرڻو هنيو ويو ته پوليس انهن مٿان لاٺي چارج ڪري ڏني جنهن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا : مظاهرين

سنڌ ۾ معصوم ٻارڙن سميت وڏن کي ڌاڙيل اغوا ڪري وڃن پوليس انهن سان ٻٽ ٻٽيل آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

ڪوٽڙي(رپورٽر) ڪوٽڙي ڄامشورو ۾ سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران ڪنڊڪوٽ ۾ پريا ڪماري ۽ ساگر ڪمار سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ لڳل ڌرڻي تي پوليس لٺبازي ڪرڻ واري عمل خلاف وڪيلن ڊسٽرڪٽ بار ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي سيشن ڪورٽ جي مک گيٽ اڳيان ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي ته احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪنڊڙو ۾ ڪربلا جي شهيدن جي چاليهي تي ماتمي جلوس برآمد

ماتمي جلوس ۾ عزادارن پاران يا حسين يا حسين جو صدائون بلند ڪرڻ سان گڏ نوحا خواني

ماتمي جلوس شهر جي مختلف رستن کان ٿيندو شهر جي مين غاضي چوڪ ۾ پهتو

مرڪزي جلوس مقرر رستن کان ٿيندي مرڪزي امام بارگاهه پهچي اختتام پذير ٿيو

ڪنڊڙو(رپورٽر ثناءالله ٿاليس) ڪنڊڙو ۾ ڪربلا جي شهيدن جي چاليهي جي حوالي سان شيعا علماءِ پاران انجمن چوڊري فرمان علي حيدري جي اڳواڻي ۾ مرڪزي امام بارگاهه گل شاهه غازي کان ماتمي جلوس برآمد ٿيو. ماتمي جلوس ۾ عزادارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽالپروڊا شهر سميت مختلف ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ ماتمي جلوس برآمد

ٽالپروڊا(رپورٽر) ٽالپروڊا شهر سميت مختلف ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ شهداءِ ڪربلا جي چاليهي جي موقعي تي ماتمي جلوس برآمد. سوين عزادارن جي شرڪت. نوحه خواني ۽ سينه زني جو ماتم.خبرموجب ٽالپروڊا شهر سميت مختلف ننڍن وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ شهداءِ ڪربلا جي چاليهي جي موقعي تي ماتمي جلوس برآمد ڪيوويا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18



ڪنڊڙو : چهلم جي موقعي تي عزادار مغرب جي نماز ادا ڪري رهيا آهن

ڪنڊرا ۾ شهداءِ ڪربلا جي چهلم جي موقعي تي ماتمي جلوس برآمد

ڪربلا جي شهيدن جي چاليهي جي موقعي تي سندن ڏنل لازوال قربانين کي ساراهيو ويو

مرڪزي جامع مسجد علي اصغر تي پهچي اختتام پذير ٿيو. سوين عزادارن ماتم ڪيو

جڳهن تي ٿڌي پاڻيءَ جون سبيلون پڻ لڳايون ويون هيون. سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا

ڪنڊرا(رپورٽر)سڄي دنيا جيان ڪنڊرا ۾ چهلم نواساءِ رسول صلعم امام حسين عليه السلام جي سلسلي ۾ مجلسون سينا زني ۽ چاڪن جو ماتم برآمد ٿيو خبر موجب پوري دنيا جيان ڪنڊرا ۾ هلو امام حسين عليه جي سلسلي ۾ قديمي مرڪزي امام بارگاهه مخدوم محمد هارون تي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي نالي واري خطيب مولانا حافظ عمران علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دولتپور ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

پريا ڪماري جي بازيابي، ڌاڙيل ڪلچر نامنظور، فاطمه ڦرڙو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو

اسان سيڙي قومي مسئلن جي حل لاءِ روڊن تي نڪري آيا آهيون جو سنڌ ۾ ڌاڙيل ڪلچر وڌي رهيو آهي : مظاهرين

سنڌ اندر بدامنيءَ ۽ ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائيءَ جي ذميوار حڪومت آهي، غريب طبقو سخت پريشان ٿي ويو آهي

دولتپور صفن(رپورٽر) دولتپور ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ جي سڏ تي ۽ شهري ڪاروباري ماڻهن پاران ب الڳ الڳ ريليون ڪڍي سخت نعريبازي سان مظاهرو ڪيو ويو. جيئي سنڌ قومي محاذ پاران پريا ڪماري جي بازيابي، ڌاڙيل ڪلچر نامنظور، فاطمه ڦرڙو جي قاتلن جي گرفتاري دولتپور ڪاليج ۾ استادن جي ڪوٽ وڌندڙ بد امني ۽ ڳاتي توڙ مهانگائي خلاف ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بلڙي شاهه ڪريم ۾ ٽن طرفن کان قبضا اڏاوتون جاري، احتجاج، اختياريون خاموش

بلڙي شاهه ڪريم(رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ۾ سنڌ حڪومت جي پبلڪ هيلٿ کاتي پاران تعمير ٿيل مکيه ٽانڪي گڏريل پنجويهن سالن کان جڙي راس ني تي پراڻ کي قابل استعمال بڻائڻ بجاءِ ان جي ٽن طرفن کان قبضا اڏاوتون جاري رهيون شهرين جي احتجاجن باوجود ٽانڪي کي کاتي پاران قابل استعمال بڻائڻ بجاءِ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31



دولتپور صفن : جسقم اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپورخاص شهر تباهي ۽ برباديءَ جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي : علماءِ ايڪشن ڪاميٽي

اڄا به ميرپورخاص جي شهرين کي خبر هئڻ گهرجي ته هر شئي جي سهولت آهي پر خاص ڪري شهرين جي حقن جي لتاڙ ڪئي وئي آهي

لڳي ٿو ته ڊويزنل هيڊڪوارٽر ميرپورخاص سنڌ جي نقشي ۾ موجود ئي ناهي، سول اسپتال ۾ ٻارن جي وارڊ جي حالت به ٺيڪ ناهي

ڇا هنن ٻارن جي ڪا هنن جي نظر ۾ ڪا حيثيت ناهي؟ ڇا هنن وٽ اها طاقت ۽ اختيار ناهين ته هو هن نظام کي درست ڪن؟

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ علماءِ ايڪشن ڪميٽي جي پاران جاري ڪيل ٻڌرائي موجب علماءِ ايڪشن ڪميٽي ميرپورخاص جي مفتي عبيدالله انڙ مولانا حفيظ الرحمان فيض، مولانا عبدالله، مولانا هارون معاويه، مولانا حافظ اڪبر رشيد، مفتي صغير احمد، مولانا عمران الحق، مولانا سميع الله، مولانا هاشم ۽ ٻين عالمن پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ميرپورخاص شهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 08 سيپٽمبر 2023ع

عام واهپي جون شيون، مهانگائي ۽ منافعي خور مافيا

ملڪ اندر هن وقت مهانگائيءَ جوجن بي قابو بڻجي ويو آهي. مهانگائيءَ ان نهج تي وڃي پهتي آهي جو هاڻي ملڪ جي عام ماڻهوءَ جو پنهنجي ساهه سان ناتو قائم رکڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي. هڪڙي پاسي مهانگائي آهي ته ٻئي پاسي حڪمرانن جي بيحسي آهي، نج عوامي مسئلن کان لاتعلقي آهي. جنهن جو مثال اهو آهي ته هر ايندڙ حڪومت غلطين، ڪوتاهين، نااهلين جو بار گذريل حڪومت جي مٿان وجهي پاڻ کي هر مسئلي ۽ معاملي کان آجو سمجهندي آهي. شايد اهوئي سبب آهي، جو هن ملڪ ۾ مهانگائي گهٽجڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. اهڙي شديد غربت ۽ فاقاڪشيءَ جي ڪري ماڻهو خودڪشيون ڪري رهيا آهن. انهن منجهه احساس محرومي وڌي رهي آهي. پيٽرول تي سئو رپيا پار ڪري چُڪو آهي. ڊالر جي به ساڳي اُڏام آهي. هاڻي ته کنڊ جي قيمت به 230 رُپين تي وڃي پهتي آهي. کنڊ سميت عام واهپي جي هر شئي مهانگي ٿي وئي آهي. مٿان وري بجليءَ جي يونٽ جي وڌيل اگهن ۽ تيل جي اضافي اگهن هر شئي جي قيمتن کي آسمان تي پهچائي ڇڏيو آهي. حڪومتي واعدن ۽ ڪوشش باوجود مهانگائي گهٽجڻ بدران وڌندي وڃي، نگران حڪمران به هن وقت بيوس نظراچي رهيا آهن.

ملڪ جي ٻين اهم مسئلن منجهان هن وقت سڀ کان اهم ۽ ٻرندڙ مسئلو مهانگائي آهي. هر پاسي احتجاج آهن. رڙيون آهن پر سماعت ۽ بصارت کان محروم هن ملڪ جي بادشاهن کي نه ته اهي رڙيون ٻڌڻ ۾ اچن ۽ نه وري انهن کي احساس محرومي جا ماريل ماڻهو ٿا نظر اچن. حڪمرانن جون بهاني بازيون آهي. عوامي مسئلن کان فراريت ۽ گوڻتات آهي. جنهن ڪري ئي مهانگائي ڪنٽرول نه ٿي رهي آهي. ٻيو ته نهيو پر هاڻي ته کنڊ جو بحران به پيدا ٿي ويو آهي. لکين ٽن کنڊ ايڪسپورٽ ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب کوٽ ٿي رهي آهي ۽ کوٽ سبب قيمتون وڌي رهيون آهن. دراصل اها حڪومتي نااهلي آهي ۽ منافعي خور مافيا جو گڻ جوڙ آهي. منافعي خور ٻنهي هٿن سان عوام کي لٽي رهيا آهن ۽ حڪومت خاموش تماشائي بڻيل آهي. کوٽ جو سبب ئي کنڊ جو ايڪسپورٽ ٿيڻ ۽ اسمگلنگ آهن. جڏهن ته کنڊ جي ايڪسپورٽ جو الزام پي ڊي ايم ۾ شامل پ پ ۽ نواز ليگ هڪ ٻئي تي هڻي رهيا آهن.

ڏنو وڃي ته اها حڪمرانن جي سڌي سنئين نااهلي آهي. انڪري ان هٽرادو کوٽ جو جيڪو به ذميوار آهي ۽ جيڪو به غريب عوام جي کيسي تي ڌاڙو هڻي پنهنجون تجوڙيون ڀري رهيو آهي، انهن کان ايڏي وڏي ڌاڙي جو ضرور حساب ٿيڻ گهرجي. انهن جو هر صورت ۾ احتساب ٿيڻ گهرجي. انهن کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ گهرجي ۽ سخت سزا ڏيارڻ گهرجي. ٻيو ته قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ جو حڪومت وٽ ڪو به مڪينزم نه آهي. هر ڪنهن کي ڦرلٽ جي ڇڙ ته آزادي مليل هجي. هتي مختلف مافيائون ڪم ڪري رهيون آهن. جن جو ڪم صرف منافعي خوري آهي. هڪ ته حڪمرانن کنڊ ايڪسپورٽ ڪري قلت پيدا ڪئي، ٻيو ته ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته، سرحدن تي چوڪسي باوجود لکين ٽن کنڊ افغانستان ڏانهن اسمگل ٿي رهي آهي. مٿان وري واپارين ۽ شگر مل مالڪن کنڊ ذخيرو ڪري مارڪيٽ ۾ هٽرادو کوٽ پيدا ڪئي آهي.

نگران حڪمرانن هر شگر مل جي گيٽ تي ايف بي آر جو عملو مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ان سان ڇا ٿيندو؟ گودامن ۽ شگر ملن تي ڇاپا هڻي کنڊ قبضي ۾ وٺي مارڪيٽ ۾ آڻڻ گهرجي. اڃا ته ڪمند جي پيڙائي ۾ ڏيڍ به مهينا پيا آهن. جيستائين نئين کنڊ مارڪيٽ ۾ اچي، تيستائين عوام جي کيسي تي ڪيترو ڌاڙو لڳندو ۽ ان جو ذميوار ڪير آهي؟

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته، حڪمرانن کي هن مهانگائيءَ جي اهم مسئلي تي سنجيدگي اختيار ڪرڻ گهرجي. هڪ ٻئي تي الزام تراشيون هڻڻ بدران مهانگائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اپاءَ وٺڻ گهرجن. روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ گهرجن. جنهن حساب سان مهانگائي وڌي آهي، ان ئي حساب سان ماڻهن جي پگهارن ۾ اضافو ٿيڻ گهرجي. کنڊ سميت جن به عام واهپي جي اسمن جي اگهن ۾ اضافو ڪيو وڃي ٿو، سڀ کان پهرين ان تي ڪنٽرول ڪيو وڃي، اسمگلنگ مڪمل بند ڪرائي وڃي. ذخيره اندوزي ڪندڙن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي ۽ کنڊ جون قيمتون 90 رپيا في ڪلو واري سطح تي آنديون وڃن.

تيل جي قيمتن ۾ واڌ، بکايل عوام ۽ قرض

محمد اسماعيل

ماشاءَ الله اسانجي ملڪ کي انگريزن مان آزاد ٿئي 76 ورهين ٿي چُڪا آهن ۽ پاڪستان کي ان نظريئي تحت انگريزن جي غلامي مان آزاد ڪري دنيا جي نقشي تي اسلامي جمهوريه پاڪستان جو نالو ڏنو ويو اسلامي مطلب جنهن به طرز تي ملڪ هلندو اهو نج اسلامي هوندو ڪو به غير شرعي يا غير اسلامي نظام نه هوندو هن وقت ڪيتري قدر اسين پنهنجي ملڪ کي نج اسلامي ريتن رسمن تحت هلائي رهيا آهيون ۽ جمهوريت معني هتي صرف عوامي مينڊيٽ کي اهميت هوندي هن وقت حڪمران طبقي وٽ عوامي مينڊيٽ ۽ جمهوريت جو ڪيترو قدر رهيو آهي

اهو نظريو هئو ته عوامي اصولن جي پاسداري تحت ملڪ هلندو ۽ هن وقت هر ماڻهون چڱي ريت ڄاڻي چُڪو آهي ته اسانجي اسلامي جمهوريه پاڪستان جو حڪمرانن ڪهڙو حشر ڪيو آهي ڪهڙي حد تي اچي بيهاريو آ ملڪ هن وقت بيروني قرضن جي اهڙي پنجوڙ ۾ اچي ڦاسي چڪو آهي جيئن هڪ شڪاري جي وڇايل پنجوڙ ۾ ڪو شڪار ڦاسڻ کان پوءِ نڪرڻ جي سرحوڙ توڙ ڪوشش باوجود نه نڪري سگهندو آهي ۽ اسانجو ملڪ هڪ شڪار بڻجي چُڪو آهي گذريل 76 سالن کان حڪمرانن جي عياشين ڪانپوءِ جيڪو بيروني قرضن جي وڇايل پنجوڙ مان نڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪندي نه پيو نڪري سگهي ان سڄي صورتحال جي پسمنظر ۾ حڪمرانن وٽ هڪ ئي مورچو بچيو آهي اها آهي ملڪ جي غريب بيروزگار ۽ بکي عوام جنهن مان حڪمران بيرون قرض لاهڻ لاءِ اڻ اعلانيه طور تيل جون قيمتون وڌائي قرض لاهڻ جون اڻٿڪ ڪوششون ڪري رهيا آهن ملڪ قرضن ۾ ايترو ته وڪوڙجي ويو آهي جو حڪمرانن ملڪ جو وقار ايترو ته مجروح ڪري ڇڏيو آهي جو دنيا اڳيان هي ائٽمي طاقت رکندڙ قوم ڪنڌ کڻڻ جهڙي ناهي رهي دنيا جي ڪريل ڪمزور ملڪن تي نظر ڦيرائي ڏسبو ته اهي به اسان کان الائي ڪيترو اڳتي نڪري چُڪا آهن مثال طور افغانستان سدائين جنگين ۾ گذاريو اهو ڪيتري قدر معاشي طور مضبوط ۽ مستحڪم ٿي چُڪو آهي، ذڪر ڪجي ٿو بنگلاديش جنهن کي اسان ڪريل ڪمزور سمجهي ڌڪاري ڪڍيو اهو به بيرون ملڪ رهندڙ پاڪستاني قوم کي نيچ، نڪمو، قرضي ۽ ڪمزور سمجهي ٺٺول ڪري رهيو آهي. ايران جو حوالو ڏجي ته جنهن آمريڪا جهڙي سپرپاور اڳيان پنهنجو ڪنڌ ڪين جهڪايو اهو اسانجي ائٽمي طاقت رکندڙ ملڪ کي سستي تيل گئس فراهمي لاءِ منٿون ڪندو رهيو آهي پر اسانجو ملڪ قرض جي ڪيتري ايترو ته غلام بڻجي ويو آهي جو هو صرف آءِ ايم ايف اڳيان هٿ ٽنگڻ ۽ جهولي جهلڻ کي ترجيح ڏئي رهيو ڇا اسين صرف خوش آهيون ته اسين نيوڪليئر پاور آهيون اسان اهو نه ڄاتو آهي ته هن ملڪن جي طاقت صرف معيشت آهي پر ائٽم نه ۽ اسين اهو سڀ ڪُجهه وساري صرف اهو تصور ڪيون ٿا ته دشمن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڏوڪڙ پئسو ۽ معاشي طور مضبوط قوم نه نيوڪليئر هجڻ ضروري آهي جيڪا اسانجي حڪمرانن جي انتهائي سنگين غلطي ثابت ٿي سگهي جڏهن به ملڪن تي ڏکيا ڏينهن ايندا آهن انهن کي صرف مضبوط ۽ طاقتور عوام کي بچائيندي آهي ۽ جنهن ملڪن ۾ انقلاب ايندا آهن اهي انقلاب صرف بک بيروزگاري آئيندي آهي جنهن جي اڳيان ڪا به طاقت بيهي نه سگهندي ڀلي ائٽم بم ۽ طاقتور آرمي ڇو نه هجي افسوس سان چوڻو ۽ لکڻو ٿو پوي ته اسان جي ملڪ جو گذريل 76 سالن کان آخر اهڙو حشر ڪهڙي دشمني سمجهي ويو ڪيو ويو جو هيئنر ملڪ جا اربين ڊالر قرضن جا بار لاهڻ ملڪ جو ٻچو ٻچو قرضي ڪيو ويو جنهن لاءِ حڪمران پنهنجي قرضن جا انبار لاهڻ لاءِ ملڪ جي غريب عوام مٿان مهانگائي جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا آهن

ميڊيا رپورٽس عالمي سياسي ماهرين، مبصرين مفڪرن جي بقول پاڪستان جي وڏن سياسي جماعتن جي اتحاد واري ۽ دستبردار ٿيل پي ڊي حڪومت جهڙي طريقي سان ڪرپشن ڪري ملڪي ناڻو ايترو 76 سالن ۾ ڪنهن به نه لٽيو سورهن مهينن جي پي ڊي ايم حڪومت پاڪستان کي اهڙي نازڪ موڙ تي اچلائي وئي آهي هن نگران حڪومت جي وس جي ڳالهه ناهي ڇا عقلمي ملڪن جون وڏيون سياسي جماعتون به ملڪن ۽ عوام سان اهڙيون دشمنيون ڪن ٿيون جيئن اسانجي ملڪ جون وڏيون سياسي جماعتون ملڪي نائي کي اڌوهي جيان مزي مزي سان ويهي کائن ٿيون پاڪستان هن وقت اهڙي نازڪ موڙ تي اچي چُڪو آهي جنهن کي بچائڻ لاءِ ڪرپٽ ۽ نااهل حڪمرانن کي صرف هڪ مورچو مليو آهي جيڪا آهي بک ،غربت ،بيروزگاري ، جي باهه ۾ سڙندڙ غريب عوام جنهن جي جان مان هڪ نيوڪليئر ملڪ جو قرض لاهڻ جون اڻٿڪ ڪوششون ٿي رهيون آهن جيڪا هن ملڪ جي عوام جو معاشي قتل عام ڪرڻ جي گهري سازش آهي

عالمي مالياتي اداري آءِ ايم ايف سان الائي ته ڪهڙا معاهدا ۽ لکتون ٿي چُڪيون آهن جو هن جي هڪ اشاري تي تيل جون قيمتون هڪ ئي ڌڪ ۾ آسمان تي پهچايون وڃن پيون عالمي منڊي ۾ تيل جون قيمتون ڪهڙي سطح تي آهن ۽ افغانستان، بنگلاديش، سريلنڪا جهڙا ڪمزور ملڪ معاشي طور طاقتور بڻجي سگهن ٿا پر لڳي ٿو هتان جا حڪمران اسانجي پياري وطن پاڪستان جا قرض لاهيندي سمورا وسيلا ۽ عوام کي وڪڻڻ چاهين ٿا

هن وقت ملڪ ۾ نگران حڪومت قائم آهي ليڪن نگران سرڪار جو ڪم هوندو آهي عوام کي رليف ڏيڻ پر هنن کي به دستبردار ٿيل سرڪار آءِ ايم ايف سان ٿيل معاهدا ڳاٽي ۾ ڦاسائي وئي آهي جيڪي عوام کي رليف ڏيڻ بجاءِ ملڪ جي غريب عوام مٿان تيل جي قيمتن کي وڌائي مهانگائي جو بم ڪيرائي ڇڏيو آهي ۽ نگران وزيراعظم موصوف جو بيان جاري ٿيو ته ملڪ ۾ ايتري به مهانگائي ناهي جيتري واويلا ڪئي پئي وڃي جيڪو بيان غريب عوام جي ڦٽن تي مرهم بجاءِ مرچ ڇٽڻ لڳو ملڪ جو غريب عوام هن وقت جنهن قيامت مان گذري پيو وزير اعظم صاحب کي ڄاڻڻ گهرجي ته ملڪ ۾ لکين غريب مسڪين ماڻهون لنگهڻ ڪاٽڻ تي مجبور آهن هڪ ويلي جي ماني به نصيب نه پئي ٿيئن روزگار جا سمورا وسيلا زراعت به مڪمل تباهه ٿي وئي آهي جنهن وسيلن ۾ غريبن جو پيٽ پلجي ٿو اهي بلڪل ختم ٿي ويا آهن ليڪن ماڻهون مفلسي واري زندگي گذاري رهيا آهن غربت ۽ بيروزگاري ماڻهن کي ايترو ته پريشان ڪيو آهي جو ملڪ ۾ هرنئين ڏينهن خودڪشين جي واقعن ۾ واڌ ٿي وئي آهي ايتري تنگدست ٿي ويل مسڪين عوام مٿان مهانگائي جا پهاڙ ڪيرائي تيل جون قيمتون وڌائي بيروني قرض لاهڻ جي ڪوشش هرگز نه ڪئي وڃي ملڪن ۾ جڏهن به انقلاب آيا آهن اهي بگڙيل ملڪي حالتن بک بيروزگاري سبب آيا آهن ۽ اسانجي حڪمرانن کي غور ڪرڻ گهرجي بکيو گدڙ شينهن سان به وڙهي پوندو آهي جيڪڏهن قرض لاهڻو آ ته ملڪ کي ڪرپشن کان پاڪ ڪري ناجائز طريقن سان لٽيل ناڻو واپس ڪرايو وڃي وڏن وڏن سياسي مانگرمڇن ۾ هٿ وڌا وڃن انهن جون ملڪيتون ضبط ڪري ملڪي معيشت کي بهتر به ڪري سگهجي ٿو ۽ قرض به لهي سگهن ٿا غريب عوام کي ايترو مجبور نه ڪيو وڃي ڪٿي هو بکئي گدڙ واري مثال تحت اٿي ڪڙو نه ٿئي

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَرُوڙِج بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڄڻُ پَرِ پِرين جي.

حڪمرانن کي مهانگائي جي خاتمي جو حل ڳولهڻو پوندو

تحرير: فدا حسين جيسر

اڄڪلهه ملڪ ۾ جيڪو وڏو مسئلو هلي رهيو آهي اهو مهانگائي جو آهي. عوام گذريل ڪيترن ئي سالن کان مهانگائي جي چڪي ۾ پسجي رهيو آهي. هن وقت صورتحال اها آهي جو هڪ عام ماڻهو پنهنجن ٻچن کي پيٽ ڀري ماني به ڪونه ٿو کارائي سگهي. جيڪو تمام گهڻو تڪليف ڏيندڙ عمل آهي. جيڪو ان تڪليف مان گذرندو هوندو ان کي ئي خبر هوندي ته غربت ڪهڙي بلاجو نالو آهي. هن وقت ماڻهو اٽو حاصل ڪرڻ لاءِ قطارن ۾ بيهي پنهنجي تذليل ڪرائي رهيا آهن ڪيترين ته جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن ان صورتحال ۾ يا ته ماڻهو گهر جو راشن وٺي يا ٻارن جي اسڪول جي في ڏئي يا بجلي جو بل ادا ڪري انهن ٽنهي ڪمن مان ڪو به هڪ ڪم ٿي سگهي ٿو.

موجوده حالتن ۾ لوئر مڊل ڪلاس طبقو انتهائي پريشان آهي چوته ان جي ايتري آمدني ئي ڪونهي جو سڀ خرچ برداشت ڪري سگهي. هن وقت ملڪ ۾ جيڪو احتجاج هلي رهيو آهي اهو فقط بجلي جي لاءِ نه پر اٽي جي لاءِ پڻ هجڻ گهرجي چوته اٽو 60 رپيا في ڪلو مان وڌي 160 تي پهتو آهي. احتجاج کنڊ لاءِ به هجڻ گهرجي جيڪا 50 رپيا ڪلو مان وڌي 180 في ڪلو تي پهتي آهي.

انهن سمورين خرابين جو سبب ڊالر جي مقابلي ۾ رپيو 300 کان وڌي وڃڻ آهي. جنهن سبب ڪابه شي برآمد ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن. ملڪ ۾ ڪابه نئين سيڙپڪاري ڪانه ٿي آهي هر ماڻهو ڊالر جي لڳاتار وڌڻ سبب سيڙپڪاري کان ڪيٻائي رهيو چوته ڪيس سندس سرمايو ٻڏڻ جو ڊپ رهي ٿو عام ماڻهن جي راءِ آهي ته 2017 ۾ اسحاق ڊار مصنوعي طور ڊالر کي 104 تي روڪي رکيو هو پي ٽي آءِ جي حڪومت آئي ته ڊالر لڳاتار هيٺ ڪرڻ شروع ٿيو چوته اهي جلدي ۾ آءِ ايم ايف وٽ نه ويا هئا. جنهن ڏينهن پي ڊي ايم طرفان عدم اعتماد جو ووٽ آيو ۽ سندن حڪومت قائم ٿي ته ان وقت ڊالر جي قيمت 179 رپيا هئي جڏهن ته هن وقت ڊالر 303 جي حد عبور ڪري چڪو آهي. ان مان اندازو لڳايو ته هن سوا سال اندر پاڪستان سان ڪهڙو حشر ٿي چڪو آهي. چوته جيترو ڊالر مهانگو ٿيندو اوترو پيٽرول مهانگو ٿيندو ان سبب ڪري ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ اضافو ٿيندو ۽ نتيجي ۾ مهانگائي وڌي ويندي. هر شئي پاڪستان ۾ امپورٽ آهي ايل اين جي ٻاهران گهرائي وڃي ٿي. فرنس آئل ٻاهران گهرايو وڃي ٿو جنهن سبب بجلي جي قيمت ۾ اضافو ٿئي ٿو. ان صورتحال ۾ عوام کي ڪهڙي طرح رليف ڏئي سگهجي ٿو.

هن وقت بجلي جي قيمت وڌڻ جو وڏو بار سرڪيولر ڊيٽ آهي چوته جنهن قيمت تي بجلي وڪامجي ٿي اوتري ريڪوري نه پئي ٿئي حڪومت بار بار قيمتون وڌائي ٿي پر پوءِ به هدف پورو نه پيو ٿئي. جنهن جو وڏو سبب بجلي جي چوري آهي. ملڪ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ سري عام بجلي چوري پئي ٿئي جنهن جو اثر انهن ماڻهن تي پوي ٿو جيڪي لڳاتار بل ادا ڪندا رهندا آهن. ان ڪري جيڪي به پاور هولڊنگ ڪمپنيون آهن انهن کي فوري طور ختم ڪرڻ گهرجي ٻيو ته پاڻ پيدا ڪندڙ ڪمپنين کي حڪومت طرفان جيڪا گئس تمام سستي اگهه تي ڏني وڃي ٿي انهن کي ڪمرشل بنياد تي مارڪيٽ جي موجوده اگهه مطابق ڪين گئس وڪرو ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اهي ڪمپنيون پاڻ سستي اگهه تي گئس حاصل ڪري پيداوار وڌائي مارڪيٽ ۾ مهانگي اگهه تي وڪرو ڪري جهجهو ناڻو ڪمائي پنهنجا کيسا ڀري رهيون آهن. نتيجي ۾ غريب آبادگار مهانگو ڀاڻ خريد ڪرڻ تي مجبور آهي.

ان ڪري اهڙين ڪمپنين جي هڪ هٽي بند ٿيڻ گهرجي. ٻيو ته جن ڪمپنين سان پراڻن اگهن تي گئس جا معاهدا ٿيل آهن مثال طور سي پيڪ، اينگرو يا ٻيون فرٽيلائزر ڪمپنيون جن سان پراڻا معاهدا ٿيل آهن انهن کي ري شيڊول ڪري موجوده ٽيرف موجب ساڻن نوان معاهدا ڪرڻ گهرجن ايئن ڪرڻ سان پڻ چڱو ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو بحرحال ڪجهه نه ڪجهه اهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن جن سان ڊالر کي ڪو سهارو ملي سگهي. فارين ايڪسچينج ارننگ وڌائڻ گهرجي. بينڪن جا شيئرز وڪرو ڪرڻ گهرجن ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ڊالر کي مستحڪم ڪرڻ ضروري آهي ٻيو ڪوبه طريقو ناهي. اهڙن قدمن کڻڻ سان يقيني طور تي پاڪستان ۾ يا پاڪستان کان ٻاهر ويٺل سيڙپڪارن جو اعتماد وڌندو ۽ اهي بغير ڪنهن خوف خطري جي سيڙپڪاري ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺندا.

هڪ سال اڳ جيڪا اسان جي ايڪسپورٽ 31 ارب ڊالر هئي اها واپس گهٽجي گذريل جون تي 27 ارب ڊالر تي پهتي آهي. جيڪي ريميٽنس گذريل سال 31 ارب ڊالر هئا پڻ واپس 27 ارب ڊالر تي پهتا آهن. بجاءِ وڌڻ جي 8 ارب ڊالر جي آمدني گهٽجي وئي آهي. اسان وٽ هر مسئلي جو حل موجود آهي اسان چاهيون ته هن موجوده صورتحال مان آساني سان نڪري سگهون ٿا پر ٻاهر نڪرڻ جي نيت ناهي ان جو سڀ کان وڏو سبب سياسي مسئلا آهن. چوته اسان پاڻ ۾ هڪٻئي سان جهڳڙن ۾ ايترو ته مصروف آهيون جو هر وقت اهو سوچيون ٿا ته ڪنهن کي جيل ۾ وجهڻو آهي ڪنهن کي ڪڏهن ايف آءِ آر داخل ڪرائڻي آهي ڪنهن ڪنهن کي آزادي ملڻ کان پوءِ ٻيهر جيل ۾ بند ڪرڻو آهي ڪڏهن ڌرڻا هڻڻا آهن ڪڏهن روڊ بلاڪ ڪرڻا آهن. ڪنهن ڪنهن کي چور ۽ ڌاڙيل چئي ان جو سياسي طور اميج تباهه ڪرڻو آهي. انهن چڪرن ۾ اسان ڪيترائي سال ضايع ڪيا آهن. جيڪڏهن اسان هاڻي به نه سوچيو سين ته پوءِ اسان کي تباهي کان ڪوبه روڪي نه سگهندو ان ڪري پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ، سياسي جماعتن ۽ عدليا کي گڏجي ان جو حل ڳولهڻو پوندو.

بقايا 01

ڪين دهشتگردي توڙ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت پوليس جي استدعا تي جوابدار اسد شاهه ۽ سهولتڪاري جي الزام ۾ گرفتار امتياز ميراثي جي جسماني رمانڊ ۾ وڌيڪ 7 ڏينهن واڌ ڪري ڇڏي جوابدار اسد شاهه جي عدالت ۾ پيشي دوران عدالت اندر سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا

بقايا 02

جي ترجمان جان ڪربي کان پريس بريفنگ دوران پاڪستاني صحافي سوال ڪيو ته ڇا افغانستان مان نڪرڻ وقت آمريڪا پنهنجا ست ارب ڊالرز جا هٿيار اتي ئي ڇڏيا جيڪي تحريڪ طالبان پاڪستان، داعش ۽ القاعدا جي ويڙهاڪن جي هٿ چڙهي ويا. سوال جي جواب ۾ جان ڪربي چيو ته آمريڪا افغان فوج جي جنگي تربيت ڪئي هئي ۽ ان مشن ۾ جديد هٿيار افغان فوج جي حوالي ڪرڻ به شامل هو جڏهن طالبان اقتدار سنڀاليو ته افغان فوج آمريڪي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا، آمريڪي فوج ائين ناهي ڪيو سندس چوڻ هو ته افغانستان مان نڪرڻ وقت آمريڪي فوج رڳو ڪجهه جهاز ۽ معمولي سامان ڇڏيو جيڪي استعمال جوڳي حالت ۾ نه هئا، آمريڪي قومي سلامتي واري صلاحڪار کان جڏهن پڇاڻو ڪيو ويو ته صدر بائيڊن پاڪستان کي ڪجهه مهينا اڳ ايٽمي هٿيار رکندڙ خطرناڪ ترين ملڪن مان هڪ قرار ڏنو هو ڪيس ڇا جو خدشو هو؟ هن چيو ته اهو تمام وڏو خطرو آهي، اهو ڪو معمولي خطرو ناهي، صدر بائيڊن ان ڳالهه کي سمجهي ٿو ۽ انڪري اسان پاڪستان سان ڳالهين ڪم جاري رکندا سين جان ڪربي چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي قربانين کان آگاهه آهيون ۽ اهو به ڄاڻون ٿا ته پاڪستاني عوام پاڻ دهشتگردي جو شڪار آهي ۽ خاص طور افغانستان مان حملن جو خدشو آهي.

بقايا 03

۽ سندس باوفا ساٿين جو چاليهو انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، سکر، خيرپور، شڪارپور، لاهور، اسلام آباد، ڪوئٽه سميت ننڍن وڏن شهرن ۾ روايتي جلوس ۽ تعزيه برآمد ڪيا ويا ان دوران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي آهي ڪراچي ۾ چاليهي جي موقعي تي مرڪزي جلوس نشتر پارڪ مان برآمد ٿيو جيڪو روايتي رستن کان گذرندو امام بارگاهه حسينيه ايرانيان تي اختتام پذير ٿيو جلوس جي گذرگاهن کي ڪنٽينر لڳائي سيل ڪيو ويو. جلوس جي سيڪيورٽي تي 6 هزار کان وڌيڪ پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا ۽ ان سان گڏوگڏ رينجرز جا اهلڪار به مقرر ڪيا ويا. ان کان علاوه سي سي ٽي وي جي مدد سان جلوس جي سخت نگراني ڪئي پئي وڃي امام حسين جي چاليهي جي موقعي تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪلم 144 لاڳو ڪئي وئي آهي. سنڌ جي گهرو وزارت طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب جلوس دوران هيلي ڪيم اڏائڻ تي پابندي هوندي حيدرآباد ۾ چاليهي جي موقعي تي ماتمي جلوس برآمد ٿي رهيا آهن جڏهن ته مختلف علائقن ۾ مجلسون برپا ڪيون ويون آهن لاڙڪاڻو ۾ ڪربلا جي شهيدن جي چاليهي جي نسبت سان ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا جڏهن ته مختلف هنڌن تي پوليس پاران جلوس جي گذر گاهن ۽ مجلسن وارن هنڌن تي ڪيمرائون نصب ڪيون ويون آهن سکر جي مختلف شهرن ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا آهن. سيڪيورٽي لاءِ پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن جي ڊيوٽي لڳائي وئي آهي. جڏهن ته مختلف شهرن ۾ مجلسون منعقد ڪيون ويون آهن لاهور ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ مرڪزي جلوس حويلي الف شاهه مان برآمد ٿي ويو جيڪو مرڪزي رستن کان ٿيندو گامي شاهه تي اختتام پذير ٿيندو لاهور پوليس سيڪيورٽي پلان جوڙي ورتو آهي. ڊي آءِ جي آپريشنز علي رضوي وجب مرڪزي جلوس تي چار هزار کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ اهلڪار ڊيوٽيون ڏئي رهيا آهن هوڏانهن وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ حضرت امام حسين جي چاليهي جي موقعي تي فول پروف سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ خصوصي حڪمت عملي تيار ڪئي وئي. چاليهي لاءِ اسلام آباد پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا 2500 کان وڌيڪ آفيسر ۽ اهلڪار سيڪيورٽي تي مقرر آهن. جلوس جي روٽ تي بم ڊسپوزل اسڪواڊ ڪليئر ڪندو جڏهن ته جلوس جي ڊرون ڪيمرائن ذريعي وڊيو رڪارڊنگ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 04

معاشي حالتن جي باوجود ملڪي معيشت جي ترقي ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ روزگار جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري ڪيل بيان موجب نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان اسلام آباد ايوان واپار ۽ صنعت جي وفد صدر احسن ظفر بختاوري جي اڳواڻي ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي خيالن جو اظهار ڪندي نگران وزيراعظم چيو ته ڪاروباري طبقي جي تجويزن جي آجيان ڪريان ٿو انهن مان عمل جوڳين تجويزن تي عمل ڪرائڻ جي خاطري ڪرايان ٿو وزارت جو عهدو سنڀاليندي ئي ڪاروباري برادري سان ملاقاتون ڪيون ۽ سندن مسئلا ٻڌا ڪاروباري برادري موجوده ملڪي معاشي حالتن جي باوجود ملڪي معيشت جي ترقي ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ روزگار جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي وزيراعظم چيو ته حڪومت ٽيڪس جي نظام ۾ سڌارا آڻي رهي آهي جنهن لاءِ ٽيڪس جو نظام ڊجيٽلائيزڊ ڪيو ويو وڃي، اسمگلنگ کي روڪڻ جي حوالي سان گذريل 48 ڪلاڪن اندر ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو آهي جن جا بهترين نتيجا ملي رهيا آهن هن چيو ته پاڙسري ملڪن سان واپار وڌائڻ جي حوالي سان صلاح مشورا ٿي رهيا آهن اسمگلنگ کي پنجو ڏيڻ جو پاڙيسري ملڪن جي عملدارن اڳيان ڪئي آهي واپارين، ڪارخانيدارن ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ڪري ملڪ جي معيشت کي اڃا وڌيڪ سگهارو ڪنداسين بجلي جي شعبي ۾ سڌارا تيز ڪيا پيا وڃن بجلي چورن جي خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي ويندي ملڪ جي مسئلن جي حل لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت ضروري آهي وزارت ڪامرس سڄي ملڪ جي چيمبرز سان باقاعدگي سان تجويزن ۽ مشاورت کي يقيني بڻائي وزيراعظم هدايت ڪئي ته ايف بي آر پوائنٽ آف سيلز جي دائري کي وڌائڻ جي حوالي سان جلد رپورٽ پيش ڪئي وڃي پاڪستاني سفارتخانن ۾ مقرر ڪمرشل اتاشين جي ڪارڪردگي کي بهتر ڪيو وڃي سي ڊي اي جي نظام ۾ بهتري آندي وڃي ۽ ڪاروباري برادري کي مشاورتي عمل جو حصو بڻايو وڃي سي ڊي اي شهرين کي فراهم ڪئي ويندڙ سمورين سهولتن ۽ لينڊ رڪارڊ کي ڊجيٽلائيزڊ ڪري ملاقات ۾ تاجر برادري نگران وزيراعظم کي وزارت جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪ ڏني.

بقايا 05

نوٽ جي بندش بابت نوٽيفڪيشن جعلي قرار ڏئي ڇڏيو مرتضيٰ سولنگي ايڪس تي سوشل ميڊيا تي وائرل جعلي نوٽيفڪيشن شيئر ڪيو آهي. جنهن ۾ ناڻي واري وزارت طرفان 5 هزار رپين جي نوٽ جي بندش جو اعلان ڪيو ويو آهي اطلاعات واري وزيرلکيو ته 5 هزار رپين بابت اهو نوٽيفڪيشن ڪوڙو آهي، حڪومت اهڙيون خبرون پکيڙيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪندي.

بقايا 06

۽ آءِ ايم ايف اختيارين وچ ۾ رابطوئيو ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف 400 يونٽن تائين بجلي استعمال ڪندڙن کي رليف ڏيڻ جي تجويز رد ڪري ڇڏي پر 200 يونٽ تائين بجلي استعمال ڪندڙ واهپيدارن کان بل قسطن ۾ وصول ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ذريعن موجب بل قسطن ۾ وصول ڪرڻ جي حتمي منظوري وفاقي ڪابينا کان ورتي ويندي، ان قدم سان تقريبن 40 لک بجلي واهپيدارن کي وقتي رليف ملڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته 400 يونٽن تائين رليف جي صورت ۾ 3 ڪروڙ 20 لک واهپيدارن کي فائدو ٿئي ها. ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف پاڪستاني اختيارين ۽ گئس چورن خلاف ڪريڪ ڊائون ۽ ريڪوري بهتر بڻائڻ تي زور ڏنو ذريعن موجب پهرين جولاءِ کان گئس ٽيرف ۾ به 45 کان 50 سيڪڙو تائين واڌ جو مطالبو ڪيو ويو. گئس ٽيرف ۾ واڌ وفاقي ڪابينا جي منظوري سان مشروط آهي.

بقايا 07

ڪانهي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو اجلاس ۾ گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز، آءِ جي پوليس راجا رفعت مختار، ايڊيشنل آءِ جي پوليس خادم رند ۽ ٻين شرڪت ڪئي. نگران وڏي وزير چيو ته ڪجهه ماڻهن کانسواءِ سمورن يرغمالين کي بازياب ڪرايو ويو آهي. باقي بچيل کي پڻ جلد بازياب ڪرايو ويندو هن چيو ته اسان پوليس کي واضح پيغام ڏنو آهي ته شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي. جسٽس باقر چيو ته اسٽريٽ ڪرائم جو مسئلو حل ڪيو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته گهرو وزير ۽ آءِ جي پوليس صورتحال تي ضابطو آڻڻ لاءِ سخت قدم کڻي رهيا آهن جنهن جا مثبت نتيجا جلد سامهون ايندا. هڪ سوال جي جواب ۾ نگران وڏي وزير چيو ته سول حڪومت ملڪ جي معاشي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته ماڻهو بهتري ڏسندا. ان کان اڳ وڏو وزير نشتر پارڪ وٽ جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ ڪانپوءِ سي پي او ڪراچي پهتو جتي هن ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر تي جلوس جي سڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو وڏي وزير ايم اي جناح روڊ سي بريز تي چلم جي جلوس جي پرامن پڇائي ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 08

جج طاهر عباس سپراءِ ڪئي. بشريٰ بي بي پنهنجي وڪيلن سلمان صفدر، انتظار پنجوتها ۽ نعيم پنجوتها سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿي، جاچ آفيسر چيو ته اسان کي اڳواٽ خاتون اول جي گرفتاري گهرجي. بشريٰ بي بي جي آڊيو فرانزڪ لاءِ ايف آءِ اي ڏانهن اماڻيل آهي. ان موقعي تي وڪيل صفائي چيو ته 3 ڪلاڪ گهرايو وڃي ٿو، ڏکو انتظار ڪرائڻ کان پوءِ ويهاريو وڃي ٿو جاچ دوران اهو به نه ٻڌايو ويو ته مذڪوره آڊيو بشريٰ بي بي جي نه آهي. عدالت پڇاڻو ڪيو ته معاملو رسيدن جو آهي ته آڊيو ڪٿان کان اچي وئي؟ ايف آءِ آر موجب ڪيس کي اڳيان ڪئي هلو جاچ آفيسر چيو ته عدالت کان استدعا آهي ته بشريٰ بي بي جي وائيس ميچنگ جي لاءِ وقت ڏنو وڃي. عدالت جاچ آفيسر جي استدعا منظور ڪري ورتي جنهن کان پوءِ عدالت بشريٰ بي بي جي عبوري ضمانت ۾ 12 سيپٽمبر تائين واڌ ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 09

رد ڪري ڇڏي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري آزادي کان پوءِ پرويز الاهي جي ٻيهر گرفتاري تي توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ آءِ جي اسلام آباد، ڊي سي، ايس ايس پي آپريشنز، ايس ايڇ او شاليمار ٿاڻو ۽ ٻين کي ڌر بنايو ويو هو ٻڌڻي جي شروعات تي عدالت پڇاڻو ڪيو ته پرويز الاهي کي آزاد نه ڪيو ويو؟ ان تي وڪيل صفائي ٻڌايو ته پرويز الاهي کي آزاد ڪرڻ کان پوءِ پوليس لائنز ٻيهر گرفتار ڪيو ويو ان تي عدالت چيو ته پرويز الاهي کي آزاد نه ڪرڻ يا ٻيهر ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گرفتار ڪرڻ ۾ فرق آهي. هن عدالت جو اهڙو ڪو به حڪم نه آهي ته ڪيس ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گرفتار نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن هن عدالت جي حڪم باوجود ٿري ايم پي او ۾ آزاد نه ڪيو ويو ته توهين عدالت بڻجندي. پرويز الاهي جي وڪيل چيو ته لاهور هاءِ ڪورٽ ڪنهن به ڪيس ۾ گرفتار نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو ان تي عدالت چيو ته پوءِ توهين عدالت جي درخواست لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيندي. هن عدالت جو اهڙو ڪو به حڪم نه آهي. عدالت حڪم ڏنو ته ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گهربل نه آهي ته آزاد ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي ته اهو معاملو لاڳاپيل ٽرائل ڪورٽ کي ڏسڻو آهي. جسٽس طارق محمود چيو ته پرويز الاهي ته ڳاڏي ۾ اوهان سان گڏ ويٺل هو جڏهن ڪيس آزاد ڪيو ويو ته اسان جي آرڊر جي ڀڃڪڙي ڪيئن ٿي؟ وڪيل چيو ته هن عدالت جي آرڊر کي فرسٽريٽ ڪرڻ جي لاءِ ٻيهر گرفتار ڪيو ويو عدالت چيو ته پرويز الاهي جو لاڳاپيل ڪورٽ هاڻ ريمانڊ به ڏئي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن پرويز الاهي کي آزاد نه ڪيو ويو ته عدالت سخت ايڪشن وٺندي. عدالت پرويز الاهي طرفان داخل توهين عدالت جي درخواست رد ڪري ڇڏي.

بقايا 10

وڌيڪ جي بنا وياج قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي. نگران صوبائي ڪابينا جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي ججن کي بنا وياج قرضن جي منظوري ڏني، ججن کي انهن جي ٽن سالن جي بنيادي پگهار جي برابر رقم قرض ڏني ويندي، هاءِ ڪورٽ جي ججن کي ڏنا ويندڙ قرض 12 سالن جي مدي لاءِ بنا وياج هوندا تفصيلن موجب هاءِ ڪورٽ جي 11 ججن کي انهن جي 36 بنيادي پگهارن جي برابر قرض ڏنو ويندو، انهن ججن جي بنيادي پگهار 9 لک رپيا ماهوار کان وڌيڪ آهي.

بقايا 11

ڪري ڇڏي. ذريعن موجب، توانائي واري وزارت طرفان پيش ڪيل تجويز تي پهرين آڪٽوبر کان پندرنهن فيبروري تائين عملدرآمد جو امڪان آهي ۽ تجويز تي عمل ڪرائڻ لاءِ چيمبرز آف فيڊريشن ۽ واپاري تنظيمن سان مشاورت شروع ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ان تجويز تي چئني صوبائي حڪومتن کي عمل ڪرڻ جو چيو ويندو جڏهن ته بجلي بحران تي ضابطو آڻڻ لاءِ قانونسازي جو مسودو تيار ڪيو پيو وڃي. ذريعن موجب، اهڙي قدم سان روزانو 1500 ميگاواٽ کان وڌيڪ بجلي جي بچت ٿيندي.

بقايا 12

جو وڌ کان وڌ گرمي پد 33 کان 35 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو ۽ ڏکڻ اولهه ۽ اولهه کان هوائون گهلڻ جو امڪان آهي. هوڏانهن موسمياتي تجزئي نگار جواد ميمڻ چيو آهي ته شهر ۾ گرمي جي شدت 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين محسوس ڪري سگهجي ٿي، جڏهن ته سامونڊي هوائون 20 کان 35 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان گهلي سگهن ٿيون.

بقايا 13

مطابق ڪراچي جي گڏيل ٽرانسپورٽ نظام لاءِ ڪل 15 هزار بسن جي ضرورت آهن جڏهن ته هن وقت شهر جي روڊن تي صرف 1029 بسون فعال آهن جن ۾ پيپلز بس سروس جون 240 بسون، بي آر ٽي جون 100 بسون ۽ خانگي شعبي جي تحت هلڻ واريون 689 پرائيويٽ بسون شامل آهن. جڏهن ته صوبي جي لاءِ 500 وڌيڪ بسن جي خريداري لاءِ روٽ فزيبلٽي تي ڪم جاري آهي ٻڌايو ويو ته ورلڊ بينڪ جي هن رپورٽ جي روشني ۾ هن وقت ڪراچي ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي لڳ ڀڳ 13 هزار وڌيڪ بسن جي ضرورت آهي. بريفنگ دوران نگران صوبائي وزير ناڻي، رينيو ۽ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ محمد يونس ڏاگا هدايت ڪئي ته ڪراچي ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبن تحت خانگي شعبي کي اڳتي آندو وڃي. جنهن تي نگران وزير کي ٻڌايو ويو ته ٽرانسپورٽ کاتي پاران خانگي شعبي کي اڳتي آڻڻ لاءِ انڊوومينٽ فنڊ قائم ڪري خانگي ٽرانسپورٽرن کي آسان قرض فراهم ڪرڻ جي منصوبي تي غور ڪيو پيو وڃي ۽ ان حوالي سان اهو به تجويز ڪيو ويو آهي ته انهن قرضن تي مارڪ اپ جي شرح زيرو به رکي سگهجي ٿي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪراچي جي ٽرانسپورٽ جي مسئلن جي حل لاءِ مقامي ٽرانسپورٽرن سان صلاح مشوري ڪانپوءِ اها تجويز پڻ غور هيٺ آهي ته مقامي ٽرانسپورٽرن کي آسان قرضن جي فراهمي سان بسن جي خريداري جي بعد خريد ڪيل بسون ان وقت تائين سنڌ حڪومت جي نالي تي رکيون وڃن. جيستائين ٽرانسپورٽرن انهن بسن جي قرضن جون مڪمل قسطون ادائيگيون ڪري ڇڏين. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي متفق هئا ته هن تجويز سان مقامي ٽرانسپورٽرن جي حڪومتي مدد سان قرضن تي بس ميسر اچي سگهي ٿي ۽ شهر ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ وڏي تعداد ۾ فعال ٿي سگهي ٿي جنهن سان پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ واضح بهتري ٿيندي.

بقايا 14

آهي ته فارما انڊسٽري 250 کان وڌيڪ دوائن جي قيمتن ۾ واڌ چاهي ٿي، فوري طور تي دوائن جي قيمتن ۾ واڌ ممڪن نه آهي. اختيارين چيو آهي ته دوائن جي کوٽ قيمتن ۾ واڌ لاءِ دٻاءُ وجهڻ جو بهانو آهي. 8 کان 10 دوائون ڇڏي سمورين دوائن فارما انڊسٽري کي منافعو ڪمائي ڏئي رهيون آهن اختيارين موجب دوائن جي قيمتن ۾ هن سال 14 کان 20 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي، دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جو فيصلو ايندڙ چونڊيل حڪومت ئي ڪري سگهي ٿي، پهرين ترجيح عوام کي دوائن جي فراهمي ممڪن بڻائڻ آهي نگران صحت بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر نديم جان چيو ته فارما انڊسٽري سان ملي معاملا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

بقايا 15

۾ 17 رپيا في ڪلو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي هئي. هول سيل ۾ في ڪلو کنڊ 165 رپين مان گهٽجي 160 رپين تائين اچي وئي، شگر ملن به في ڪلو کنڊ 3 رپيا سستي ڪئي، جڏهن ته ايڪس مل قيمت 160 رپيا في ڪلو تائين ڪِري پئي. هول سيل گروسرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين جو چوڻ آهي ته ڪريڪ ڊائون سبب کنڊ وڌيڪ سستي ٿيندي.

بقايا 16

ٻڌائيندي هن چيو آهي ته عدالتن ۾ ڪيترائي ڪيس ناقص جاچ سبب ناڪام ٿيندا آهن. ڪيترن ئي ضلعن ۾ اينٽي ريپ ايڪٽ تحت اسپيشل يونٽ قائم نه ڪيا ويا آهن جسٽس طارق سليم چيو ته اسپيشل يونٽ ۾ عورت پوليس آفيسر هجڻ ضروري آهي. ٻارن جي ڪيسن ۾ عورت پوليس آفيسر جي اهميت ڪيترائي پيرا وڌي ويندي آهي هن چيو ته جنسي زيادتي جي ڪيسن جي ٻين ڪرمنل ڪيسن وانگر جاچ ٿيڻ جي ضرورت آهي. جسٽس طارق سليم چيو ته شاهديون ليبارٽري موڪلڻ ۾ ديريا وقت تي علاج نه ٿيڻ سان ڪيس ڪمزور ٿيندو آهي جنهن جو فائدو جوابدارن کي ٿيندو آهي. عدالت عورت جي درخواست ڊي پي او سيالڪوٽ جي رپورٽ جي روشني ۾ اڪلائي ڇڏي.

بقايا 17

اينڊ ايڪريڊيشن ڊاڪٽر الطاف حسين خواجه، ڊائريڪٽر ڪلينڪل گورننس اينڊ ٽريننگ ڊاڪٽر سيد احمد رضا، ڊائريڪٽر مانيٽرنگ اينڊ ايوليوشن ڊاڪٽر مهتاب اختر ۽ ٻيا پڻ شامل هئا. وفد نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد کي ڪميشن جي مقصدن، ڪم ڪرڻ جي طريقن ۽ مسئلن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ ٻڌايو ته سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جو بنيادي مقصد عوام کي محفوظ صحت فراهم ڪرڻ آهي. ڪميشن قانون تحت طبي سهولتن جي گهٽتائي جي ڪري ڪلينڪ سيل ڪندا آهن. جڏهن ڪلينڪس کي سيل ڪرڻ جو اختيار سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ۽ ڊي ايڇ او وٽ آهي جنهن سان مونجهارو پيدا ٿيندو آهي. هن ٻڌايو ته ڪميشن عطائي ڊاڪٽرن خلاف به ڪارروائي ڪندو آهي پر ڪجهه يونينز، پوليس ۽ صحت کاتي جا ماڻهو ٻيهر ڪلينڪس جا سيل کولرائي ڇڏيندا آهن. اسان کي ڪجهه شڪايتون هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي جعلي ماڻهن جي ڇاپن سان متعلق پڻ حاصل ٿيون آهن. جنهن ۾ ڪوئي شخص خوش لباس پوليس گارڊ سان گڏ ڪلينڪن تي وڃي ٿو لائسنس گهري ٿو ۽ فوري فراهم نه ڪرڻ جي صورت ۾ سيل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي ڪري رشوت وٺي ويندو آهي جنهن سان ڊاڪٽرن جي ساک متاثر ٿئي ٿي ۽ مريضن ۾ پڻ خراب تاثر پيدا ٿئي ٿو. هن چيو ته جعلسازي کان بچڻ لاءِ اسان ڪميشن جي نمائندن لاءِ بارڪوڊ ڪارڊ متعارف ڪرايا آهن. جنهن سان موقعي تي ئي تصديق ٿي سگهي ٿي ته آيا اهو ڪوئي جعلساز آهي يا واقعي ڪميشن جو حقيقي نمائندو آهي. هن چيو ته اسان جو ڪم صحت جون ضروري سهولتون نه هجڻ سبب ڪلينڪس سيل ڪرڻ آهي جڏهن ته بند پيل ڪلينڪن جي سيل کي برقرار رکڻ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ذميواري آهي. ڊاڪٽر احسن قوي چيو ته خوشقسمتيءَ سان ڪميشن جا اڪثر ميمبر ڊاڪٽر آهن. جيڪي اسپتالن جي معائني کان علاوه ڪين ٽيڪنيڪل سپورٽ پڻ فراهم ڪن ٿا، ڪميشن جو انحصار وڌيڪ خانگي اسپتالن تي ٿيندو آهي چو ته اتي اسان کي مختلف مرضن جي بابت وڏي تعداد ۾ ماهر موجود هوندا آهن. هن چيو ته هر ڪلينڪ کي پي ايم ڊي سي کان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ لڳائڻ جي ضرورت آهي. هر ڪلينڪ کي پنجن سالن کان بعد پي ايم ڊي سي کان رجسٽريشن ڪرائڻي پوندي آهي. اسان عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ واري ڪنهن به ڪلينڪ کي بند ڪرڻ نه ٿا چاهيون، ان لاءِ ڪميشن ان ڪلينڪن جو باقاعده آگاهه ڪرڻ جي بعد دورو ڪندي آهي. تنهن هوندي به اسان لاءِ هلندڙ ڪلينڪس کي لائسنس فراهم ڪرڻ هڪ ڏکيو مرحلو هوندو آهي، وڌيڪ اهو ته افرادي قوت جي ڀرتين ۽ پگهارن ۾ اضافو بورڊ جي ذريعي ڪيو ويندو آهي.. سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد بريفنگ ٻڌڻ بعد ڪميشن کي درپيش مسئلن بابت ڊرافٽ تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته ڪميشن کي درپيش مسئلن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. پر جن ڪلينڪ جي رجسٽريشن جو مدو پورو ٿي چڪو آهي، انهن کي پنهنجي رجسٽريشن جي تجديد جا موقعا ڏيڻ ضروري آهن هن چيو ته ڪلينڪس کي بند ڪرڻ بجاءِ سمورن ڪلينڪس جو ڪمپيوٽرائيزڊ ڊيٽا گڏ ڪيو وڃي ته جيئن حاصل ڪيل ڊيٽا ذريعي ڪلينڪس جي رجسٽريشن جو مدو ختم ٿيڻ کان اڳ ئي انهن کي آگاهه ڪري سگهجي. نگران صحت واري وزير سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن کان هوميو پيٿڪ ۽ دوا خانن جي جاچ جو طريقيڪار پڻ طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا 18

آهي ته روس کان کنڊ جا 3 جهاز جلد ڪراچي پهچي رهيا آهن. پهريون جهاز ايم وي بيڪس هليبل 15 سيپٽمبر تي ڪراچي پهچندو، جهاز ۾ 60 هزار ميٽرڪ ٽن کنڊ موجود آهي. امپورٽرز موجب ٻيو جهاز 23 کان 25 سيپٽمبر تي ڪراچي پهچندو، ٽنهي جهازن ۾ 60_60 هزار ميٽرڪ ٽن کنڊ آهي. جهاز پهچڻ سان سڄي ملڪ ۾ فوري طور کنڊ ۽ اٽي جا اگهه هيٺ ايندا ۽ کوٽ پوري ٿي ويندي. روسي کنڊ ڪراچي پهچڻ سان في ڪلو اٽي جي قيمت 100 رپيا پوندي، اها کنڊ سڄو سال وڏي مقدار ۾ موجود هوندي. هن وقت اوپن مارڪيٽ ۾ کنڊ 125 رپيا ۽ اٽو 160 رپيا في ڪلو آهي.

بقايا 19

ڪيو ۽ گندگي جا ڍير، سيوريج جي ناقص صورتحال، استعمال ٿيل سرنجون ۽ مدي خارج دوائن جي موجودگي جو پڻ نوٽيس ورتو، سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز ڊيوٽي کان غيرحاضري ۽ غفلت تي ايم ايس ۽ ڊاڪٽرن خلاف انتظامي ڪارروائي ڪرڻ جي به هدايت ڪئي آهي. ان موقعي تي هن چيو ته صفائي جا ناقص انتظام، عملي جي غيرحاضري، اسپتالن ۾ لاپرواهي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي. مان پاڻ اسپتالن جا اوچتو دورا ڪري انهن جي حالت معلوم ڪري رهيو آهيان ۽ اهو سلسلو تيزيءَ سان جاري رکندس. هن چيو ته جيڪڏهن اسپتال موجود وسيلن کي صحيح طريقي سان استعمال ڪري ته اهڙي صورتحال پيدا نه ٿيندي. پنهنجي ادارن کي ٺيڪ ڪرڻ کان پهرين اسان کي پاڻ کي تبديل ڪرڻو پوندو. ڊاڪٽر سعد خالد خبردار ڪيو ته شروعاتي سرپرائز دورا ٻين اسپتالن لاءِ مثال آهن. جيڪڏهن سرڪاري اسپتالن جي انتظاميا پنهنجو پراڻو رويو تبديل نه ڪيو ته سندن خلاف سخت انتظامي ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 20

جيل اختيارين جو خيال آهي ته خليفي جيل جي رڌڻي ۾ کاڌو پهچائڻ واري وين ۾ لڪي فرار ٿيو. ڇو جو فرار ٿيڻ کان اڳ ڪيس اتي ئي ڏٺو ويو هو. خليفي جي جيل مان فرار ٿيڻ کانپوءِ اختيارين طرفان شهر جي سمورن اچ وڃ وارن رستن سان گڏ هوائي اڏن تي به سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي آهي. رپورٽ موجب، خليفي 2019ع ۾ فوج ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي، ان جو تعلق لنڊن جي ڪنگسٽن علائقي سان هو سندس ڳولا لاءِ ملڪ گير مهم شروع ڪئي وئي آهي. پوليس طرفان خليفي کي شهرين لاءِ وڏو خطرو قرار ڏنو ويو آهي. جڏهن ته شهرين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو جتي به ڪين نظر اچي ڪيس پڪڙڻ بدران پوليس کي اطلاع ڏنو وڃي.

بقايا 21

سينيٽر دنيش، عطاالرحمان ۽ شفيق ترين پنهنجون صحيحون شامل نه ڪرڻ جو چيو جڏهن ته رضا رباني، پلوشه خان، روبينه خالد، شميم آفريدي، محمد اڪرم جي صحيح ميچ نٿي ڪري. سينيٽ سيڪريٽريٽ طرفان لکيل خط ۾ چيو ويو آهي ته اجلاس گهرائڻ جي لاءِ جمع ڪرايل ريڪوزيشن قائدن تي پوري نٿي لهي ياد رهي ته پيپلز پارٽي جو اهو واقعي جي بحث جي لاءِ ڪجهه ڏينهن اڳ سينيٽ اجلاس گهرائڻ جي ريڪوزيشن جمع ڪرائي هئي.

بقايا 22

۽ انهن جي مدد ڪندڙن کي پوري قوت سان منهن ڏيندي. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي آءِ ايس پي آر موجب پاڪ فوج هر قسم جي خطرن خلاف پاڪستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي دفاع لاءِ پنهنجي عزم کي ورجايو آرمي چيف جنرل عاصم منير آپريشنز دوران پروفيشنلزم جو معيار برقرار رکڻ تي زور ڏنو هن فارميشنز جي تربيت دوران بهترين ڪارڪردگي حاصل ڪرڻ تي به زور ڏنو ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن چيو ته پاڪستان جي رياست ۽ هٿيار بند فوج شهيدن ۽ سندن خاندانن کي هميشه عزت جي نگاهه سان ڏسندي آهي آرمي چيف جوانن جي فلاح، حوصلي ۽ مسلسل توجه تي ڪمانڊرز جي واکاڻ ڪئي ڪانفرنس ۾ بلوچستان جي ضم ٿيل ضلعن، سرحدي ضلعن ۾ امن ۽ ترقي تي به زور ڏنو ويو

بقايا 23

نجم الهديٰ عرف شاهه رخ سان تعزيت ڪئي. ان موقعي تي پ پ جي چيئرمين بلديا ٽائون يونين ڪميٽي 31/5 ۽ پارٽي جي سينيئر نائب صدر شوڪت حماد بلوچ شهيد جي والد حاجي لعل بخش، ڀائر برڪت علي ۽ زاهد حسين سان تعزيت ڪئي. هن شهيد شوڪت حماد بلوچ جي ننڍڙن ٻارن حارث حماد، صاحب حماد ۽ سعيده حماد تي پڻ شفقت جو هٿ رکيو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي درجات جي بلندي لاءِ فاتحه خواني ڪئي ۽ خاندان لاءِ صبر جي دعا ڪئي. هن هڪ ڀيرو ٻيهر مطالبو ڪيو ته شهيدن جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. ان موقعي تي لياقت اسڪاٽي، علي احمد جان، عبدالڪريم اسڪاٽي، عجب خان سواتي، جميل ضياء، وسيم اختر ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ هئا. ان دوران چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ميونسپلٽي ۽ اورنگي ٽائون جي مختلف علائقن ۾ دورو ڪرڻ تي عوام ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ سندس آجيان ڪئي.

بقايا 24

باقرنظاماڻي پهچايو ويو مرحوم جي لاڏاڻي تي سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي. عبدالمجيد نظاماڻي سنڌ آبادگار بورڊ جي باني اڳواڻن مان هو. عبدالمجيد نظاماڻي ڪجهه ڏينهن کان بيمار هو مرحوم جي جنازه نماز تندي محمد خان جي ڳوٺ باقر نظاماڻي ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ آبادگارن سميت سوين ماڻهن کي شرڪت ڪئي مرحوم جي مڙهه کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جو تڊو ڳوٺ باقرنظاماڻي ۾ وڇايو ويو آهي عبدالمجيد نظاماڻي ڪالاباغ ڊيم جي خلاف انتهائي سخت موقف رکندو هو اڳوٽي صدر پرويز مشرف سامهون پڻ هن سنڌ آبادگار بورڊ طرفان پنهنجو جٽو موقف رکندي ڪالاباغ ڊيم جي ڀرپور مخالفت ڪئي هئي، هن سڄي حياتي سنڌ جي زراعت لاءِ پاڻ پتوڙيندي گذاري، زراعت بابت هو بهترين ڄاڻ رکندڙ هو هن نه رڳو سنڌ جي زراعت لاءِ پر پوري پاڪستان جي سطح تي پڻ پنهنجون خدمتون انجام ڏنيون هو انڪل 25 سالن تائين ڪمند جي اگهه ۽ پريميم جي معاملي تي قانوني ۽ اخلاقي ويڙهه ڪندو رهيو هن سپريم ڪورٽ ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جي طرفان ڪمند جي پريميئر جو ڪيس ڪيو اهو ڪيس لاڳيتو 25 سالن تائين هلندو رهيو پريميم جو قانون پنجاب مان ختم ٿي ويو پر سنڌ ۾ اڄ به اهو قانون عبدالمجيد نظاماڻي جي ان 25 سالن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ موجود آهي. 2010 واري ٻوڏ کان پوءِ عبدالمجيد نظاماڻي سنڌ آبادگار بورڊ جي پليٽ فارم تان ڪوششون وٺي سنڌ ۾ هڪ لک ايڪڙن تي تيلي ٻجن جي ڪامياب پوک ڪرائي تيلي ٻجن کي هٿي ڏيڻ جي وات پڻ کولي، جنهن کي حڪومتي سطح تي پڻ مڃتا ڏني وئي

بقايا 25

آهن پارٽي اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته نين حد بندين بنا چونڊون ڪرائيندڙن کي شرم اچڻ گهرجي، ايم ڪيو ايم پاڪستان حد بندين چونڊن جي حامي آهي. حد بندين جي عمل کي تيز ڪيو وڃي. هن چيو ته سنڌ ۾ چونڊون وڙهيون نه خريديون وينديون آهن، پ پ 15 سالن ۾ هر کاتي ۾ پنهنجا ڪارڪن ڀرتي ڪيا، شهر جو پاڻي چوري ڪري اسان کي وڪيو پيو وڃي

بقايا 26

ڏوراهين علائقي اغبرگ ۾ ڪائونٽر ٽيرازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) جي دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا آهن. مارجي ويل سمورن ماڻهن جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيم سان آهي مارجي ويل دهشتگرد پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ملوث هئا. سي ٽي ڊي جوابدارن جي استعمال هيٺ گهر مان خودڪش جيڪٽ، 5 دستي بم ۽ ڌماڪيدار مواد سميت ٻيون پابندي مڙهيل شيون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي.

بقايا 27

رت آڻڻ تي زور ڏنو هو هن چيو ته ملڪ ۾ چونڊون فيبروري جي آخر تائين ٿينديون. جيڪي حالتون قبيلائي علائقن ۾ آهن. انهن ۾ چونڊ مهم هلائڻ ڏکيو آهي. سندس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ چيئرمين کي آئينڊن اعتراف ڪيو ته انهن جي ايجنڊا ڪا به آهي، پي ٽي آءِ کي ان ڪري آندو ويو هو ته ملڪ کي معاشي طور ڪمزور ڪيو وڃي. فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته جمهوري ملڪن ۾ نگران حڪومتن جو تصور ئي ناهي.

بقايا 28

بڪ اسٽال تان ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي بڪ اسٽال جي بزرگ مالڪ ۽ سندس پٽ کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو ان حوالي سان ايس ايس پي ڪورنگي طارق نواز صحافين سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته ٽي ماڙ بڪ شاپ تي 3 هٿياربند ڦرلٽ ڪرڻ پهتا. ٻن لاکر خالي ڪيو ٽيون جوابدار ڪيش ڪائونٽر خالي ڪرڻ لڳو ته پيءُ پٽ مزاحمت ڪئي. جنهن تي هٿياربندن پيءُ پٽ کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو ايس ايس پي طارق نواز ٻڌايو ته واقعي واري هنڌان گولين جا 4 خول مليا آهن واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج به حاصل ڪري ورتي آهي. فوٽيج جي مدد سان جوابدارن جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي. تمام جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا 29

اسلام آباد تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏي. ڊي سي اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ ۽ ايس ايس پي آپريشن جميل ظفر خلاف توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار ڪئي ڊي سي اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ ۽ ايس ايس پي آپريشنز جميل ظفر عدالت ۾ پيش ٿيا. ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد اياز شوڪت به بطور پراسيڪيوٽر عدالت جي سامهون پيش ٿيو ڊي سي اسلام آباد ۽ ايس ايس پي آپريشن طرفان عدالت ۾ وضاحتي جواب جمع ڪرايو ويو جنهن تي جج چيو ته اڄ ته اسان چارج فريم ڪرڻ جو ڏينهن رکيو آهي. ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد اياز شوڪت چيو ته عدالت کان غير مشروط معافي گهرون ٿا جنهن تي جسٽس بابر ستار ريمارڪس ڏنا ته اوهان به ڪجهه ڏينهن جيل ۾ رهي ڏسو ته جيئن اوهان کي به خبر پوي. ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ به عدالت ۾ غير مشروط معافي گهري پر جسٽس بابر ستار چيو ته هن ڪيس ۾ 6 مهينن جي قيد آهي اوهان به ڪجهه وقت جيل ۾ رهو ته جيئن اوهان کي به خبر پئي ته ٻيا ڪيئن جيل ۾ رهندا آهن جيڪو ڪجهه به آهي اهو هاڻ ٽرائل ۾ ثابت ڪجو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏي جڏهن ته ڊي سي عرفان نواز ميمڻ ڏوهه قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو عدالت ايس ايس پي آپريشنز جميل ظفر تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏي پر انهي به ڏوهه قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پڇيو ته اوهان ڏوهه قبول ڪرڻ چاهيو ٿا؟ جنهن تي ايس ايس پي آپريشنز جميل ظفر چيو ته مون کي ڪجهه وقت ڏنو وڃي عدالت توهين عدالت ۾ ايس ايس پي فاروق بٽر ۽ ايس ايڇ او ناصر منظور تي به فرد جرم لاڳو ڪئي پر ٻنهي ڏوهه قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ وڪيل قيصر امام کي توهين عدالت ڪيس ۾ پراسيڪيوٽر مقرر ڪري ڇڏيو

بقايا 30

داخل ڪيا ويا، ان دوران 361 ملازمن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي. هن چيو ته 50 سيڪڙو کان وڌيڪ گئس ٻاهرئين ملڪ مان درآمد ڪئي ويندي آهي، امپورٽڊ گئس لوڪل گئس کان ٽيڻ تي مهانگي آهي. حڪومتي ادارن کان ٽس جي مد ۾ 300 ارب رپيا وٺڻا آهن. سوئي گئس کاتي ۾ 23 سالن کان آفيسرن کي مفت گئس جي سهولت ختم آهي.

بقايا 31

آمريڪي ڊالر 306 رپين 98 پئسن تي بند ٿيو هو اڄ آمريڪي ڊالر به رپيا 4 پئسا سستو ٿيو هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ به آمريڪي ڊالر 5 رپين کان وڌيڪ گهٽتائي ڪانپوءِ 307 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 32

مختلف شهرن ۾ هوٽلن تي چانهه جو ڪوپ به وڌي 80 رپين جو ٿي ويو آهي. مهانگائيءَ سبب هوٽلن تي اڳ ئي اڌ ڪوپ پيئڻ جو رجحان وڌي رهيو هو هاڻ شايد غريب ماڻهو اڌ ڪوپ به نه پي سگهي.

بقايا سنڌيار 01

عيسن شاهه امام بارگاهه الحيدري مغيري امام بارگاهه ڪان ٽيندو شاهي بازار ۾ نهر ٽيوءَ مرڪزي چونڪ تي مجلس عزا ٿي مومن زنجيرن سان ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 02

روڊ ۽ 3 چڪ روڊ ڪان ٽيندي مين چوڪ تي پهتي جتي عزادارن گرزن ۽ زنجيرن سان ماتم ڪيو هر طرف لبيڪ يا حسين جون صدائون بلند هيون عزادارن کي طبي امداد ڏيڻ لاءِ پي پي ايڇ آءِ ست ميل پاران رفيق حسين مري ۽ معشوق علي پرٽ جي اڳواڻي ۾ ڪئمپ پڻ لڳائي وئي

بقايا سنڌيار 03

جو چاليهو مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو وچي ماتمي جلوس لطيفي امام بارگاهه نڪرائو مان به برآمد ڪيو ويو جنهن ۾ روهڙ ڊني مبارڪپور مان سوين عزادارن پاران شرڪت ڪري سينا زني ۽ نوحا خواني ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪئي وئي چهلم جو ماتمي جلوس شيعا علما ڪائونسل جي اڳواڻ زوار شاهه محمد پٽي ارشاد علي مهتم منير احمد مهتم عبدالجبار مهتم نيازحسين پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ برآمد ڪيو ويو جيڪو شهر جي مختلف گذرگاهن ڪان ٽيندو شهر جي مين چوڪ وٽ پهتوجتي مومنن توڙي اچ وچ ڪندڙ مسافرن لاءِ سبيلن جا اسٽال لڳايا ويا لطيفي امام بارگاهه مان نڪتل چهلم جو جلوس هر پيري جيان هن پيري به روهڙي ڪربلا مولا ۾ نڪرندڙ مرڪزي ماتمي جلوس ۾ شرڪت لاءِ روانو ٿي ويو جنهن ڪان واپسي تي ماتمي جلوس لطيفي امام بارگاهه اختتام پذير ٿيندو

بقايا سنڌيار 04

ڪي بي دردي سان قتل ڪيو آهي جنهن جو هڪ جوابدار گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته باقي جوابدار عبدالله ملڪ ۽ سوڊل ملڪ جيڪي پوليس اهلڪار آهي پر پڊعيدن پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ پڊعيدن پوليس پنهنجي اهلڪارن کي بچائڻ چاهي ٿي ۽ جوابدار پوليس اهلڪار اسان کي ڪيس تان هٽ ڪٽڻ لاءِ موتسار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

واري سيڪريٽري محمد خان جت ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو مظاهرين دانهيو ته ڊيلي ويجز ملازمن کي مستقل ڪيو وڃي، جنهن بابت وفاقي حڪومت جا واضح حڪم پڻ ڏنا ويا هئا. هنن مطالبو ڪيو ته گريڊ هڪ ڪان 16 تائين ملازمن کي اپگريڊ ڪيو وڃي،جڏهن ته سمورن ڊيلي ويجز ملازمن جي پگهارن ۾ عام مزدور جيتري اجرت مقرر ڪري سندن جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن ۽ ڪين نوڪرين تي پڪو پڻ ڪيو وڃي. هوڏانهن ب پ سنڌ جي صدر سينيٽر نثار کهڙو ملازمن وٽ پهچي ڪورنگي فش هاربر انتظاميا کي هدايت ڪئي ته ملازمن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن

بقايا سنڌيار 06

